# نئين سپيتا جو درشن



سندري اُتمچنداڻي

# نئين سپيتا جو درشن

## سفرنامو رشيا جو

ليکڪا:سندري اُتمچنداڻي

www.SundriUttam.com

info@SindhiSangat.com

# نئين سپيتا جو درشن



ليکڪا:-
سندري اُتمچنداڻي

# ڇپائيندڙ طرفان

اسانکي ڀاڱي ۾ ترقي پسند ساهت جا ڪتاب شايع ڪندي ٢٥ سال ٿي ويا آهن. اٽڪل هڪ سؤ ڪتاب ڪڍيا هونداسين جن ۾ ناول به آهن ته ڪهاڻيون، ڪوتائون ۽ مضمونن جا به مجموعا آهن. ڪجهه سال اڳي سنڌو سماچار ۽ سنڌو سنسار روزاني اخبارن ۾ بيحد مشغول هئڻ ڪري هي ڪتابي سلسلو ڪجهه ڍرو ٿي ويو هو جنهنکي وري زور وٺائي رهيا آهيون.

سنڌري اڳيندڙيءَ جو هي ڪتاب دنيا جي پهرين سوشلسٽ ملڪ رشيا جو سفرنامو آهي. هن اُتي پنهنجي اکين جيڪو ڪجهه ڏٺو آهي سو لکيو اٿس. سنڌيءَ ۾ رشيا بابت اکين ڏٺي احوال جو ڪتاب پهريون آهي. سنڌري پنهنجي اڪيلي ليکڪا ڪري سنڌي جنتا ۾ جاڻل سڃاتل آهي. ان ليکڪا جو لطف هن ڪتاب مان به اميد ته پاٺڪن کي ملندو. اسين سنڌريءَ جي آجيان ڪنداسين.

---

# او! لينن

لينن ! او رشيا جا ابادل
وس ڪيئہ ساري جڳ لي.
لينن! آهين وڄ اهڙا،
جا ڪري مدارن اوچن لي.
لينن! آهين ڪڙو سو،
جو ڇهڪيو مدتڪشن ۾.
لينن! اون هڪ سڄ لٽون،
روشن ڪيئہ پولڪون جڳ جون.
لينن! تون طوفان اهڙو،
جنهن ڪيئہ بهاري غربت کي.
لينن! آهين اهڙي سا،
جنهن مظلومن ۾ جان وڌي.
لوالوي جا لڙ لسو جاڳي،
سار لڏي ساري جڳ جي.

( لينن جي سماڌي ڏسڻ وقت لکيل ڪرا )

# تاشقند جو تبرڪ آستان

ننڍي هوندي هڪ آکاڻي پڙهي هئم، "علي بابا ۽ چاليهه چور". منهنجي ٻال ذهن ۾ هڪ آس جاڳي ڪاش! هڪ اهڙو پکي ملي وڃي جهڙو سند باد سيلانيءَ کي مليو هو، پوءِ مان به جيڪر پاڻکي اُن شاهي پکيءَ جي ٽنگ ۾ ٻڌي ڇڏيان ۽ هو اڏامي هلي علي بابا جي ملڪ ۾ ڇڏي، جتي "کل جا سم سم" چوڻ سان غفا جو در کلڻ سان سون، هيرن جواهرن جو شاهي خزانو ڏسڻ ۾ ايندو ۽ اها سهڻي لوڪڪهاڻي داستان هوندي جڏهن پنهنجي سوچ اوجهه سان علي بابا کي نه ڀڄائي ورتو ۽ چاليهن چورن جو خاتمو ڪري ڇڏيائين....

## سپنو ساڪار

عجب پيو لڳي نه اها ننڍي هوندي جي ڪيل ڪلپنا هيڏي ڪيئن اچي ساڪار بڻي. ترقي پسند ساهت لکڻ ڀارت روس دوستيءَ ۽ وشو شانتيءَ لاءِ ڪارڻ ڪرڻ سبب سوويت لئنڊ نهرو انعام حاصل ٿيو، جنهن ڪري ٻن هفتن لاءِ رشيا جو سفر ڪرڻ ويس. علي بابا وارو ملڪ ازبڪستان، رشيا جي اوڀر وارو ڀاڱو آهي. انعام حاصل ڪيل چئني ڀارتي ليکڪن جي هڪ ٽولي ازبيڪستان جي راڄڌاني تاشقند ۾ اچي لٿي. پکيءَ جي

ٻيرمان ٻاڻا ڇوڙي (هوائي جهاز مان لهي) جان ڪٺي نظر ڪريان ته سڄو هوائي اڏو شيشن جي ڀتين وارو لڳين ڪمرا جيان لڳو پيو ڏسجي. آڏ گول وانگر ٺهيل، شيشن جي ڳئلريءَ مان هاڻي اچي پاسپورٽ وغيره پيش ڪرڻ لاءِ ڪن ڪائونٽرن اڳيان پهتاسين. عجب ته پاسپورٽ جاچڻ وارن به زالون هيون ته ٽڪيٽون ۽ سامان جاچڻ وارن به زالون ئي هيون ۽ گائيڊ ٿيڻ رهبري ڪرڻ وارن به زالون ئي هيون. سڀني جي ڊريس فراڪ ئي هئي.

اسين انٽوريسٽ ٻيورو جا مهمان هئاسين. انهن جا ٻه گائيڊ مس لوليا ۽ مسٽر ولوجا اسان ڇهني مسافرن کي ٽئڪسيءَ ۾ وٺي ڏهه ميلن جو رستو طئه ڪري اچي ۱۸ ماڙ شاهي هوٽل "ازبڪستان" ۾ پهتا.

هتي به هر هڪ ڪائونٽر تي زالون ويٺل نظر آيون. ٽڪليون ڪوپن، ڪارڊ ڪوپن، اخبار ڪيپسي، ٽيليفون نمبر پڇڻو آهي، چاهي ڪا چيز خريد ڪرڻي آهي ته به سامهون سهڻيءَ مان واسطو آهي.

اسان مان هڪ جڳو انقلابي بابا پرٿوي سنگهه آزاد ڪئين سال اڳ روشيا مان ٿي ويو هو، پر ان لاءِ هر ڪا ڳالهه گهڻو بدليل هئي. نيپالي ليکڪ رامڪرشن ٻاپي ۽ ڪشميري شاعر مظفر اعظم به هوٽل جي ڊائننگ هال ۾ کاڌي جو آرڊر ونڊڻ، ٽري ۾ کاڌو آڻيندڙ، پل ٺاهيندڙ سڀ ڪم استريءَ کي ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيا.

مان نه رهي نه سگهيس، سندو ڀيڻيجي گانيڊ کان پڇيم، "نه باقي مرد هتي ڇا ڪندا آهن؟"

چيائين، "باپ ڙي! مردن لاءِ ڪيترا سخت ڪم پيا آهن - پائيپ ڪٽڻ، ڊنم ناهڻ، وڏن ڪارخانن ۾ ڪورا هلائڻ، ملٽريءَ جا ڪٺين ڪم ڪرڻ، اوزار ناهڻ، اهڙي ڪم آهن مردن لاءِ به. اسان وٽ زالن کان ڳرا بار ڪڻائڻ جو ڪم ڪرائڻ جي بدڌش پيل آهي ٻيءَ طرح زالن کي ڪنهن به ڪم، نوڪري، علم وغيره ۾ مردن جهڙو ساڳيو درجو آهي."

سانجهي وارو هڪ سهڻي ڇوڪري کاڌي جو آرڊر وٺي ويئي. رامڪرشن بلي ۽ مان ولشوجو هتاسين سو اسان لاءِ خاص چانور تيار ڪرايا ويا. اڪثر هتي هوٽلن ۾ چانورن جو واهپو ڪونهي. ڊبلروٽي ۽ گوشت ڀاڄيون، بيضا، پڊنگ، ڪيڪ، آئسڪريم وغيره ڪافي ڇنزون هيون. بير، وودڪا ۽ بيا شراب به ڪافي اندازُ ۾ برف جي سهڻن برتڻن ۾ رکيل هئا.

اڃا تورو پرلي نظر وئي نه ڇا ٿي ڏسان، هيمامالني ۽ ڌرميندر ڀيڻيجي آناڻي سميت وينا ماني کائين! ياني! هي وري ڀارت جا مشهور معروف اڪٽر هتي ڪيئن ڀڳي ويا آهن؟ چي: "علي بابا ۽ چاليهه چور" فلم جيڪا رشيا ۽ ڀارت جي سهڪار سان ٺهي رهي آهي انهي شوٽنگ لاءِ آيل آهن..."

مون سوچيو، ”هاڻي ته ڪٿين علي بابا ليڊن آئي فلم نه ڏٺي هجي. جڏهن علي بابا چيو ”کل جا سم سم“ ۽ هڪ شاهي خزاني جو دروازو کلي پيو، جنهن مان سندس پٽ، پوٽا، پڙپوٽا، سڀ سکيا ستابا ٿي پيا، ليڪن ليڊن اهو سوشلزم جو دروازو کولي ڇڏيو آهي جنهن مان مزدور، هاري ۽ ٻيا محنت ڪش انسان شاد آباد ٿي پيا آهن. سڄي ايشيا ۾ سوشلسٽ راڄ برپا ٿيڻ کانپوءِ ڪوئي بي علم، بيروزگار يا بي گهر نه ڇڏيو ويو آهي....

اهڙي قسم جو هڪ ڊراما لکڻ جو سوچيندي، مان آنمني ماني کائي اٿيس. پنهنجي ڪمري ۾ پهتس ته ٻه پاڻ کي هڪ سٺي واريءَ اوستا ۾ پئي محسوس ڪيم. منهنجي اکين ۾ منهنجو سچو پارس ديس، گهٽيون پاڙا، جهوپڙپٽيون، مندرن اڳيان فقيرن جون ٻهيرون سردي گرميءَ ۾ رلندڙ ٻار، رلن ۾ شيون وڪڻندڙ علم کان وانجهل ڇوڪرا، خبر ناهي ڇا ڇا قطار لڳو هو، جو ٽيليفون جي گهنٽي وڄي.

ڪشميري شاعر مظفر اعظم سڏي رهيو هو: ”هيٺ اچ، اسين سڀ تاشقند جو شهر گهمڻ لاءِ تيار بيٺا آهيون... مون جيڪو ٽالسٽاءِ جو ناول جنگ ۽ صلح ترجمو ڪيو آهي انجي ناٽڪا نتاشا اچي وئي آهي، اسانکي شهر گهمائڻ لاءِ...“

”نتاشا!“ مان جلدي جلدي وار سنواري هيٺ هلي آيس.

## ٻارن جو شهر

نتاشا پنهنجي پرس ۾ بينڊل وچ وڙليءَ ليڊگر ڏي اشارو ڪيو ۽ تصديق گهرائين ته آهي نه تماشا؟

تماشا نه برابر گهاروءَ گهڙيال ١٨، ٢٠ ورهين جي سندرتا جو مجسمو هئي، پر سندس وجود جيڪا شاعر جي مهن لئي، رونق آندي هئي، بس ڪمال هئي! اکيون برابر آرسيون آهن....

هوٽل جي ٻاهران به موٽر ڪارون حاضر هيون. اسالڪي ڪٺي اهي ساهون واري شاهي باغ وٽان ڦري تاشقند جي شاهي رستن تان دوڙڻ لڳيون. اسان جي گائيڊ نتاشا پنهنجي چمڪندڙ فريم واريءَ عينڪ مان شهر طرف ڏسندي چيو، ”اسانجو هي تاشقند جو شهر سڄو وڻن ٽڻن، باغن ۽ ڦوهارن سان ڀريل نظر ايندو.

هن وقت هن شهر جي هڪ حصي ۾ ”ٻارن جو شهر“ پيا ٺاهيون. جنهن ۾ ننڍيون ريلوايون، دريائون، ننڍيون ٻيڙيون، سڪول، ڪريچ، راندين جا ميدان، راندڪن جا دڪان، سڀڪجهه ٻارن جي ڪاڻو جو هوندو.

”جتان اسين هلي رهيا آهيون، اهو آهي پراڻو تاشقند. نئون تاشقند درياهه جي هن پر ٻئو ليار ٿئي.“

نتاشا جا هي اکر ٻڌي شاعر چيو، ”جب رات هئه اتني متوالي، تو صبح ڪا عالم ڪيا هوگا؟....“

واقعي“، مون چيو، ”جڏهن پراڻي تاشقند جا ٿي هيڏا وڏا رستا آهن، جن تان ڇهه ڇهه موٽرون ڪٺاهي

پيٽون لڳي سگهن، جتي وڻن جي اهڙي ترتيب سان بوڪي ٿيل آهي، جو انهن پيا سمجهون هڪ وڏي شاهي باغ مان پيا هلون، ڦوهارا اهڙي انداز سان پاڻي پيا ڇٽڪائين، ڄڻ چمڪندڙ ڦوهار جي ڇت ٺهي پيئي. شاهي عاليشان جاين لي ڪنهن به خراب ٿيل ڦٽل راڪ نظر نٿو اچي، روڊ رستا اهڙا صاف آهن جو ڪٿي ڪا سگريٽ جي ٻيڙي يا ڪو ٻيو ٽڪر به نظر نٿو اچي.... نه لٽون لاشعور نه ٻلين ٻلين هوندو....؟"

ٻاءِ رامڪرشن ٻلي چيو، "اسانجو لوسيدرم به صاف ستو شهر آهي ٻر هتي جي رنگ ۽ صفائي ڪمال جو آهي...؟"

هڪ وڏي شاهي ڪاري چورس ٻتر وٽ اچي موٽر بيهي رهي. هيٺ لٿاسين. هڪ نئين شادي ڪيل جوڙي جي پارٽي به اُن شاهي ٻتر وٽ بيٺي هئي. هو سڀ ڪجهه ڪاٿي بي رهيا هئا ۽ فوٽا ٻئي ڪيائاتون.

ڪاري شاهي سنگمرمر جي چورس ٻتر ڪي وچم هڪ وڏو چير پيل هو.

لتاشا چيو، "هي پٿر آهي هتي آيل شاهي زلزلي جو نشان، ١٩٦٦ ۾ هتي ڌرتيءَ ڪسي اهڙو ڌوڏو آيو هو جو تمام گهڻا ماڻهو مري ويا، الاهي جايون زمين دوز ٿي ويئون ۽ ڪيترا ماڻهو بي گهر ٿي پيا. الوقت رشيا جي سيڪي رهبائن اسان وٽ پهچا والنٽير

موڪليا، جن هـ ـي آس پاس جا هيڏا نوان گهر جوڙي تيار ڪري ورتا. مگر ان وقت جي دک ۽ تڪليف جو نشان هيءُ پڻ اسان لاءِ شرڌا ۽ عزت جي چيز آهي، هرڪو نئون شادي ڪيل جوڙو هتي گل چاڙهي ويندو آهي..."

نورو بولي، هڪ رستي ڏانهن لنگهي رهيا هئاسين نه تماشا ڇيو، "هن رستي جو نالو آهي **لال بهادر شاستري مارگ.** موٽر مان هيٺ لهي ان جاءِ ڏي وياسين، جتي لال بهادر شاستري هند - پاڪ جنگ بندي ءَ لاءِ ڪيل صلح تي صحي ڪرڻ وارو وقت رهيو هو. رستي جي هڪ موڙ تي لال بهادر شاستري ءَ جو پتلو بيٺل هو. اسان جو ڪنڌ جهڪي ويو هن مهان شخص اڳيان. رشيا جڏهن هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ صلح جو عهدنامو صحي ڪرايو ۽ اسان پاڙيسري ملڪن کـي اجائي خونريزيءَ کان بچايو، ان لاءِ نه من ۾ شرڌا ابري آئي. برابر ٻري نظر سان ان پومي ءَ کي ڇهي هٿ کڻي اکين تي رکيم. اسان ٻنهي ملڪن جا پاڻ ۾ کهڙا گهاٽا ناتا آهن، کهڙا لڳ لاڳاپا آهن، ان راز کي شايد رشيا ئي سمجهو ۽ رشيا ۾ هي تاشقند هند - پاڪ جـي صحي ٿيڻ کانپوءِ تاشقند جو هڪ تيرٿ آستان بڻجي ويو آهي. جتي نه رڳو رشيا ۽ ڀارت مان پر ٻين ملڪن مان به ياتري هن لال تي شرڌا جا ڦول چاڙهڻ ايندا آهن.

شاستري ٻون جي ٻاهران جيڪو ٻهريدار بيٺو هو اهو اسانجي شاعر صاحب جو جڻ ڳوناٽي تي لڳو. **قران شريف** جون ڪيترين آيتون ٻرزبان ياد هيس جي اسانکي ڏادي صدق سان ويهي ٻڌائائين. مونکي ان مهل پنهنجو سنڌ ۾ چنڊيل مسلمان ٻاڙو ياد اچي ويو. جتي ني أهي ٻڌڻ جو موقعو مليو هو. آلي عيد ڏينهن مسلمان ٻاڙيسري اسانکي سيون ڏيئي ويندا هئا. هوليءَ ۾ اسين کين گيهر ڏيئي ايندا هئاسين. عاشورا ٿيندا هئا انکاس چڙهندا هئا، دردليون نڪرنديون هيون شادين مرادين ۾ ٻاهر ميدان ۾ ديڳيون چڙهنديون هيون ۽ ورڇ جهيڙهه يا جدائيءَ جي ڪا ڳالهه ئي ڪانه هئي.

شايد انجو ڪارڻ اسانجو شاعر شاهه عبدالطيف هو جو خود ليمن وانگر وڏيءَ دل جو مالڪ هو. لکيائين "سائين! سدائين ڪرين سنڌ مٿي سڪار، عالم سڀ آباد ڪرين."

قران جون آيتون ٻڌي ٿورو اڳتي وڌياسين ته سامهون رستي تان ٻه ڇوڪريون ڪتاب هٿ ۾ کنيو ڪلهندين ڪلهنديون پئي ويئون. مونکي سانڍيءَ ۾ ڏسي هڪ مٽ ٻهي رهيون. انترراشٽري ٻوليءَ يعني مرڪ جي هڪ ٻئي ۾ اوٽ موٽ ٿي. مون پنهنجي گائيڊ معرفت سندن ڳالا پڇيا. جيائون شاهدا ۽ زبيدا. ٻئي انجنيرنگ ڪاليج جون شاگرد هيون. ٻڌا ڪنهن هار

سينگار جي، گوڏن تائين فراڪن ۾ ڍڪيل مهانگيون ٻهڪيون پئي.

## قومي آزادي

اسين پاڻ ۾ مسلمانن جي ڇوڪرين جو تعليم پرائڻ بابت ڳالهائي رهيا هئاسين ته اسانجي لتاشا چيو، ”اها ١٩١٧ جي نومبر جي ٢٠ تاريخ هئي جڏهن لينن جي اڳواڻيءَ هيٺ سوويت سرڪار اعلان ڪيو ته روس ۽ اوڀر واسي ڪمگار مسلمانو! هن گهڙيءَ کان وٺي توهانجا مذهبي عقيدا، رتيون رسمون، قومي ۽ تهذيبي ادارا آزاد هوندا ۽ رهندا. ڪو به انهن ۾ دست اندازي نه ڪندو. اوهين پنهنجي قومي جيون کي اڏيو بلڪل آزاديءَ سان اڏيو، توهانکي ڪابه رڪاوٽ نه وڌي ويندي اهو توهان جو حق آهي.*....

بابا پرٿوي سنگهه ٻڌايو ته اهي لينن جا ظاهر ڪيل اعلان هئا، جن ۾ قومي سماجن کي سرڪار جي ضابطي کان آجو ڪيو ويو. هر باشندي کي شخصي ڌرم ذاتي چاهي ته ذاتي لاءِ آزادي ڏني وئي* انقلاب کانپوءِ هنن جي مسلم جيوت ۾ تمام گهڻو فرق آيو آهي لتاشا چيو، ”اسالوٽ ٽڪو، قومي پيداوار ڪر لهي. سڀني قومن جي ٻارن کي اسڪولن ۾ ٻما اسي پڙهايو

* READ SOVIET GOVERNMENT'S ADDRESS ON 20-11-1917
& LENIN'S DECREE DATED 23-11- 918

وڃي ٿو، اسڪولي تعليم کانپوءِ ٻه سال ٻار جي خاص رچيءَ واري پيشي لاءِ سکيا ڏيڻي جيئن روزگار تي لڳايو وڃي ٿو. هونئن رست هائوسن چاهي ڪنهن به عهدي نوڪريءَ ۾ ڌرم ڪائي رڪاوٽ ناهي. اسان وٽ ڌرم پنهنجي شخصي ڳالهه آهي، ان جو مظاهرو منع آهي......“

بابا پرٿوسنگهه نتاشا جي ڳالهه کي پٺتي ڏيندي چيو، ”سندري! توکي خبر آهي جڏهن هن وقت اسان وٽ ڀارت چاهي پاڪستان ۾ ڌرم هڪ وهم اند وشواس آهي تڏهن ڪنهن وقت رشيا جو هي سڄو آزبڪستاني پاڙو ڌرم جي دوکي ۾ قائل هو. شاهوڪار ماڻهو ڌرم جي اوٽ ۾ غريبن کي ڏاڍو پيڙيندا هئا. اڄ به هندستان ۾ ڏسندينءَ جيڪو وڏي پيسا رکي ان کي وڏو پرو پرساد جو ڀاڱي وٽان ملندو....“

مظفر اعظم ٽهڪ ڏيندي چيو، ”بلڪل... بلڪل ٺيڪ ٿا چئو.“

سون چيو، ”ماڻهن کي ڪيڏو رشيا خلاف بغض پيل آهي جو چوندا آهن رشيا ۾ مسلمانن کي ڌرمي آزادي ڪانهي!“

نتاشا چيو، ”وڏي ڳالهه اسان جي ملڪ ۾ هاڻي ماڻهن جو پنهنجي مذهب ۾ وشواس آهي، سو هو مسجد يا ديول ۾ وڃي پوڄڻ لاءِ ڀيک ڪرڻ نٿا گهرن. هو

خرد هٿن سان اُڇو سون پيدا ڪندا آهن...."

"اُڇو سون؟"

"اسين ڪپهه کي اُڇو سون سڏيندا آهيون. سڄي ازبڪستان ۾ توهين انهيءَ ڪپهه جي پوک ڏسندا جو عجب ۾ پئجي ويندا. ڪپهه جي فصل کانپوءِ ڪڻڪ جو فصل پوکيندا آهيون. اسان وٽ پوک لاءِ ٻن دريائن جو پاڻي به هاڻي پورو نٿو پوي. ان ڪري هڪ رٿا تيار ڪئي اٿئون جنهن ذريعي لدرا جي برفاني ميدانن جي اوب ۽ ارليش ندين جو پاڻي اُتر ۾ سمنڊ ۾ ضايع ٿيڻ کان بچائي، وهڪري کي ڏکڻ طرف موڙي ٢٣ سؤ ڪلوميٽر هٿرادو ندي ٺاهي پاڻي هتي آڻينداسين."

هن گائيڊ اسان جو ملڪ، اسان جا ماڻهو، اسان جو راڄ، اسان جون رٿائون ۽ اسين، لفظ ايترا ڀيرا فلڪ ۽ فخر سان چيا جو مون انهن محسوس ڪيو ته هي ملڪ هڪ شاهي ڪٽنب آهي ۽ هرڪو رهواسي پاڻ کي ان جو پالي سمجهي، ان جي سک ڏک ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي.

هوٽل اُزبڪستان ۾ اڪثر روز رات جو بال روم ۾ ڊانس هلي ٿي ۽ گهڻو سنگيت سڄو رشين هو. هڪ به انگريزي گيت ڪو نه ٿي ڳاتائون.

روٽي کائي جو پنهنجي ڪمرن ۾ وڃي آرامي ٿياسين ته وري صبح سان ليڪا هئا.

## سفيد سون

صبح جو اُزبڪستان جي ٽماشڪ ٽماٽي ذسڻ جو پروگرام رکيل هو. وڏي شاهي باغيچي مان لنگهي ٽماٽي جي شاهي دروازي ۾ قدم رکيوسين. اُزبڪستاني ڇوڪريون نڪيٽن لي ٻاهرئين هال ۾ هيون. سندن اکين ۾ الاهي ڪاجل هو پر چپن ۽ ڳلن ۾ قدرتي لالائي هئي.

ٽماٽي جي شروع واري ڪمري ۾ تاشقند جا وڏا شاهي نقشا رکيل هئا. بجلي بٽڻ دٻائي، اسانجي نئين ڪمانيڊ مسز اعتبار، نقشي ۾ ڇهيل لنڊن جي وهڪ، بدن ۾ بتيون ۽ ٻهراڻ ۽ نڪرڻ ۾ شعاع باري ڇڏيا. هڪ نقشي ۾ تاشقند جا ڳڙين ٽرام وغيره جا رود رستا هئا. بٽڻ دٻائڻ سان اهي چيزون انهن رستن لي هلڻ ٿي لڳيون.

اُن ڪالهوڙ اندر ڏسڻ سچي تاشقند جي اُپت جا اناج ٻاجهيون، ڳوڻاٽن جا هنر، ٻرسن، مشينريون ڪيهڙ جا قسمين قسمين ٻوٽا .... هر ذس ۾ ڪالد ڪا نئين ڪوجنا ذيکارڻ هئي. ٻڻ ٽن ڳالهين مونجو خاص ڌيان ڇڪايو.

مسز اعتبار اسانکي هڪ لنڊي ٻيتي ڏني ۽ ٻڌائين، "دنيا جو سٺي ۾ سٺو گل سوڪار ڪريو." ٻيتي کولڻ لي ڏٺوسين اندر ڪپهه جو گل پيل هو. واقعي دنيا جو ڪمائتي ۾ ڪمائتو ڪپهه جو گل آهي.

مونکي ٽماشا جا اکر ٻئي ڪن ۾ ٻرپا: "اسين دنيا ۾ ٻيو نمبر هئن سفيد سون وارو ڪپهه پرکيندڙ ملڪ

آهيون. اسانکي ٻن درياهن جو پاڻي ۽ پورو ٿئو پوي..."

ٻماءَ ۽ ڪپھ جي هڪ سڄي ٻيءَ جو لڏيو پيانهو وڪيل هو؛ ان ۾ هڪ ڪپھ جي مل هئي. اسٽنڊ دپانگ سان مل جي سڄي ڪارگري هلڻ شروع ٿي ٿي وڃي. ڪپھ مان ڪڪرا جدا ٿي ٿي وڃا ۽ ڪپھ ڇڄي، صاف ٿي، دٻالجي، ٿان ٺهي، وڏن ڪوڪن ۾ ڀرجندي ٿي وڃي.

مسز اعتبار چيو، "وڏا مان ڪپھ جا گل ٻڌا لاءِ ۾ ٿئون طريقو استعمال ڪيو آٿئون. ڦڙين ۾ بجليءَ سان ڪشش پيدا ڪبي، اهي ڦڙون ڪپھ جي گلن مٿان وڪيدو رج، ڪپھ پنهنجو ٻاڻا ڇڪبي، لڙيءَ ۾ هاي ايندي آهي. ڪپھ جي ڪيتن ۾ اڪثر زالون ڪم ڪنديون آهن."

پي ڳالھ، جنهن ڏيان ڏيندا، سا هئي ڪنٽراڪل نوپيون. هن قسم جون رڍ جي کل جون نوپيون ڪشمير ۾ ۽ شولق سان پاليندا آهن.

ٻماءَ سيپاليدڙ زالن، چاڪليٽن، چالھ ۽ ڪاري ڊاڪ سان اسانجي خاطرداري ڪئي، پر سڀ کان گهڻو سرمايو حاصل ٿيو مسز اعتبار جي جوابن منجهان.

اسانجي هڪ ساٿيءَ پڇيس، "هاڻي لوهانجي ملڪ ۾ شاهوڪار ڪوبه ڪونه هوندو؟"

مسز اعتبار ڪاي وراڻيو، "ڇو مان لوهانکي شاهوڪار

نه ٿي نظر اچن؟"

سائيءَ پڇيو: توکي ٻئنڪ ۾ پئسا آهن؟

اعتبار: هائو ڪافي پئسا آهن. اسين ٿي گهڻو ڪدوار ڪمايون ٿا.... پر وڏي ڳالهه ته اسانجو سڄو ملڪ شاهوڪار آهي. جڏهن انسان کي روزگار آهي، اهو غريب ڪيئن ٿي سگهندو؟ ۽ اسان وٽ ته اهڙا نوان نوان ڪم آهن جو بيروزگار هڪ به ڪونهي. باقي ڪم ڪرڻ لاءِ همت گهٽ آهن...

سوال: ڀلا ٻئنڪ ۾ پئسا رکي ڇا ڪندا، جڏهن ٻارن جي پڙهائي سرڪار ٿي، بيماريءَ جو خرچ سرڪار ٿي، ڏنيءَ ليتيءَ جو مسئلو توهان وٽ آهي ڪونه، بدلي ۾ پيسندون ملڻو، پوءِ نيٺ ۽ ڪانئڍ جون نه به نوڪريون ڪري گهڻو ڪمائڻ مان فائدو؟

جواب: اڙي... ڇو انسانکي دنيا گهمڻ ٿي دل نه ٿيندي هوندي؟

مسز اعتبار کي پنهنجي ديس جي ڪلچر ۽ لئين زراعت ۽ انڊسٽريءَ جي ڪافي ڄاڻ هئي. آنهدي جي روپ رنگا جو به گهڻو گيان هوس. سچ ته هن جهڙيون سچارڻ نارييون خود ئي ديس جي سچي دولت آهن.

لماءِ جي وطن ۾ گهمڻ وقت ٿورا ڏونڻا ڪيائين، مٽري ڪوراولد ٿي چڪر ڪيو، مون آناسيين هوٽل ۾، جتي اڙينڪ لساڄ جون اڪيٽون رکيون هيون. هوٽل جي

اندر گرائونڊ هال ۾ رنگيل هو ٺهيل ناچ. طرح طرح جي لباس ۾، هن سهڻين ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جا ناچ ڏٺا پنج پنج منٽ، ٽين ٽين ناچ جي، ٽين ٽين پوشاڪ جي رنگيني ۽ ادائون ڏيکاري وس ڏاري، گرين روم ڏي ڀڄيو وڃن. پبلڪ اهي تاڙيون بيٺي وڄائي اصل هال ئي مٿي کڻي پئي ڏي. اندري ۾ وري ڪچهري ۽ شرابون کڻي پيا اٿي ڪمرن واري ڇوڪرن جي ٽولي اچي وڃائڻ ٿي هئي. خاص ازبڪستاني سنگيت ۽ خاص قسم جو ناچ. جنهن اندر سڀ جو ديدار هو. ان مان ڪجهه ڪجهه اسانجي ديس جي سنگيت ۽ ترجمه ڪلا جهڙو مزو پئي آيو. يورپ ۽ آمريڪا مان آيل سياحن کي ڏاڍا ڊونا ڪيئين.

## وزيرياڻي سان ملاقات

ٻئي ڏينهن صبح صبح گائيڊ لوليا ٻڌايو ته "اڄ سويل ئي هتي سماج ڪلياڻ کاتي جي وزيرياڻي مسز صديقوا سان گڏجاڻي آهي"

اکيون اها ازبڪي ترڪن جي انداز واري لڳي ۾ ئي هرپل هيون جو راس جي چادر سڄي لاشڪد مٿان اڏامي وئي. ڪمري جي ڀاڙي واري شيشي جي پيڙ تان پردو جو کڻي هٽايم ته ستارا! هيڏو صبح سويرو پڌرو. پهرو ٻاهر ڪيترو اڇو آهي. ڪيترن زالون مرد رستي تان لنگهندا پئي ويا. ڪجهه پئي هلڪو تيار

لاءِ سرڪار ڏي وڃي رهيو آهي.

مان جلدي جلدي تيار ٿي، لفٽ ۾ ڪيئن ڏسي ۽ ڏاڪا لهندي سڌو ساڄا هي اچي ڊائيننگ هال ۾ پهتس. سالي سڀ اڳيئي موجود هئا.

لدن ۾ ڊبل روٽي، مکڻ، جئم وغيره سان گڏ ڀُڳل ٽاڪي ٽاري چيز به ڏنائون. مونکي ته اهڙا چيز جو نڪ مکڻ جو مزو پئي لڳي. مون باقي ۾ ڪيڪ کٽي وڌي ته جهڙو جو لا اُمرت لئي پيو. جپانون هيء شيء صحت لاءِ ڏاڍي سٺي آهي. هن ملڪ ۾ صحت جو، ماڻهن کان وڌيڪ سرڪار کي خيال آهي، جو ٻارڙي ۾ خاص مزول وانر ڏنو لو وڃي. رستي ۾ ۽ اڄ لڳي ته هند هند مزول وانر جي مشين ۾ سڪو وجهه ته گلاس ڀرجي اچي ملي.

وزيراڻي ۽ مسز صديقوا وٽ پهتاسين ته سلام لمستي، ڪيڪ مارلنگ ڪيڏي ٿي مٿس لي الوبخارن، بادامن ۽ چاڪامٽن جون اڻهون ڀرجي اچي ويئون.

نائب وزير مخاروو، اُلجو اسٽمت ڪمارا ميخرا موا سوشل پيمشن ڪالي جو چيف صفورا حاضر هئا.

مهمانن ۽ ميزبانن جي هڪٻئي سان سڃاڻپ ڪري اسين سڀ اچي سوالن لي پياسين. ڪجهرو وقت اهي سوال جواب هلندا رهيا جن مان خاص ڪري زالن ۽ ٻارن بابت رشيا جي ايئي ۽ جي ڪافي خبر پيئي. مثلا زالن کي وام وقت چار مهنا سڄي پگهار سان موڪل

ملندي آهي. هاڻي ته اُن ڪانپوءِ ٻار کي ۱۲ مهني
جو ڪرڻ لائين هوءَ اَڌ ڏهاڙ لي گهر ۾ موڪل لــي
رهي سگهي ٿي.... ٻارن ۽ مائرن جي سنڀال لي ڳالهين
جو سمنڊ کلي پيو. انقلاب جي جنم داتا لينن پاڻ ست
فرمان صحي ڪيا * جنهن ٻارن ۽ مائرن جي پوري پوري
سنڀال ورتي وڃي. ٻارن کان پورهيو وٺــڻ لي اڪدم
بندش وڌي وئي.

ٻارن کي پيار ته هر ڪنهن ملڪ ۾ ڪيو وڃي ٿو پر
ٻارن جي سنڀال لاءِ رشيا جهڙو مثال سڄي دنيا ۾ ڪو نه
ملندو. ۱۹۲۱ ۾ لينن جيڪا ٻارن جي زندگي سڌارڻ لاءِ
ڪميشن مقرر ڪئي، جنهنجي ڪري سڄي رشيا ۾ هنڌ
هنڌ ٻال گهر ۽ ڪميون کوليا ويا، ان ڪميشن جي
ڪم لينن خود چاهه ورتي مزدورن، ماسترن، ڊاڪٽرن ۽
جوانن سان گڏجي ٻي گهر ٻارن کي هٿي پٽڪڙا ۽
ٻي موت مرڻ کان بچائي تعليم يافت ڪري روزگار لي
لڳائي ملڪ جا ڪارڪر اڳرواسي بڻائي ڇڏيو....

۱۹۱۹ ۾ هڪ فرمان ڪڍي لينن ملڪ جون سڀني
۾ سڀئي جايون ٻارن جي لاءِ ٻــال گهرن، اسڪولن،
اسپتالن ۽ سئنيٽوريم لاءِ ڪٽيب آڻڻ لاءِ حڪم ڪيا.
سوويت سرڪار جي ڀرتين مهني ۾ ئي لينن ڇهو

---

* READ LANIN'S SEVEN DECREES FOR THE PROTECTION OF MOTHER & CHILD.

ٻارن کي اسڪول کان اڳ ٻال مندر ۾ سکيا ڏجي. هڪ انتهائي ڪميشن ڪڙي ڪئي وئي ته سڄي ديس کي ڪمن تعليم ياغت بڻائجي، اسڪول ڪيئن جوڙائجن ۽ ماسترن کي سکيا ڏجي جو پلنگ ڪيئن سهڪاريو وڃي. اسڪولن ۾ ڪلرڪس ڪيئن کوليون وڃن. ۱۹۱۶ع ۾ سڄي ٻارن لاءِ ۱۷ سالن تائين ٻنا في پڙهائي ۽ ٽيڪنيڪل تعليمي لازمي ٺهرائي وئي. ٻارن ۽ مائرن جي ڀلائي سان گڏوگڏ ٻين جي سنڀال لاءِ ڪيئن پيدا گهر پيمشڻ مقرر ڪيل آهن، اهو سڀ ٻڌائيندي هن وزيراعظم ٻڌايو ته اسانجي ٻڌڻ جو اڳيئو اسانجي ٻارن جي ڏلين ۾ محفوظ ڪيو ويندو آهي. اسڪولن ۾ وڃڻ لاءِ عزت ۽ پيار لئي خاص ڌيان ڏنو وڃي ٿو.

وزيراعظم مسٽر صديقوا کان موڪلائي ٻاهر آياسين. رستي ۾ مارڪيٽ ڏسڻ لاءِ موٽر مان لهي پياسين. هن شاهي مارڪيٽ ۾ طرح طرح جون ڀاڄيون ۽ ميوا جام رکيل هئا. شين لئي اگهه لڳل هئا. ڪاڻ ردبدل نٿي ٿي. اگهه خاص وڌا ڪين هئا. ڪن دڪاندارن ڪجهه مدو اسانکي ڪاٺ لاءِ اچي ڏنو ته ڪجهه خريد ڪيوسين. هوٽل وٺ لتاسين ته ڪيترا اسڪولي ٻار مهنجي مهرداري لاءِ ڀهجي ويا. چپالون اسان سان گڏ فوٽو ڪڍايا. هي ڳاڙها ڳلڪا ملوڪ مهالتا ڏسي دل ٺري پيئي. رشيا جي ٻارن جو ۽ پيار لڳو ڪيڏو نه پريم هو!

راڄ جو روني ڪاني ساڳئي حال ۾ ٻال روم لساچ ڏسڻ وٺي رهيا سين. هڪ لڳي شادي ڪيل جوڙي کي سنڌ منت مائٽ يا شايد دوست هجن، ڏاڍي مزي سان ڪلائي ڪارائي ۽ وچ وچ ۾ ناچ لاءِ ولي پنهي وڃا. ڪنهن وقت گهوڙي ڪنوار ڳلجي لئي لساچ ڪيو ۽ ڪنهن وقت پنهنجن پنهنجن سان گڏ ڪيو.

## روس - سنڌ جا ناتا

صبح جو روس پارٽ مترميدل ۾ وياسين. سنڌ سيڪريٽري هو مسٽر ميرقاسم. هڪ ٻئي سان سچائي ٻڌائين جي ڏي وٺ، ڪانئوم خيالن جي ڏي وٺ شروع ٿي. ميرقاسم ٻڌايو ته هو هن وقت "لينن جو اهن ملڪن ۽ انهن جي ماڻهن تي اثر"، وشي تي ڪوجنا ڪري رهيو آهي."

مون اُتم جي العامي ڪتاب "پارٽ جو دوست لينن" اهو باب ڪيي ڏيکاريو مانس جنهن ۾ سنڌين تي لينن جو گهڻو اثر ٿيو هو، انهو ذڪر هو. اُن ۾ اِهو ڪوجنا ڪري ٻڌايو آهي ته ڪيئن نه انهن انقلابي "عبيدالله سنڌي" جو ڪابل ۾ قائم عارضي آزاد هند سرڪار جو پرڏيهي وزير هو، سو لينن جي وقت روشيا مان ٿي آيو ۽ هارين ۽ مزورن جو حامي ٿيو ته سرمائيداري سرشتي جو به مخالف ٿيو. هن آزاد پارٽ جو جوڙجڪ روشيا جي جوڙجڪ جي آڌار تي ناهيو. ساڳو واسواڻي".

۾ ڪوجنا تي آهي ته هڪ "سنڌيڪا" لسالي سنڌين
جي حڪومت هئي ڪاڪيشش ۾ ڪئسپين ۽ ڪاري
سمنڊ وچهو ٣٠٠٠ سال اڳ ۾ هئي. جنهن جي راڻي ۽ يونان
جي بادشاهه جو ڏاڍو بهادريءَ سان مقابلو ڪيو هو.

شاهه لطيف جي ٻڌايل "سهڻي ميهار" جو ذڪر
ڪيو ته چيائون ته ميهار ازبڪستان جو شهزادو هو. ان
مان به ر شيا سان سنڌ جي سنبنڌن جي ثابتي ملي.

## برقعن خلاف بغاوت

مير قاسم پنهنجي اسٽوڊيو ۾ هڪ ڊاڪيومينٽري فلم
ڏيکاري، جنهن ۾ انقلاب جو سنڌ ٻڌي هڪ ازبڪستاني
مسلمان ڇوڪري نورخان - ٽيج ڪلاڪار تي ڪم ڪرڻ
شروع ڪيو آهي، جڏهن انقلابي ڳالهين جو ونڊيڪ ڦهلاءَ
ڪري سگهي. پر جهوني روايت پسند ملا سندس پاڻ کي
چڙ ڀائين ٿا. هو سندس خون ڪري ڇڏي ٿو. ڪيترائي برقعن
وارائون انقلابي الهيءَ ڪلاڪار ڇوڪريءَ نورخان جو
ر بدل لاش کڻي ليمن جي زال ڪروپسڪايا رت
اچن ٿيون. ڪين اهڙو اسلام تي ڏاري جو سڀ
٣٠٠ چٽيون پنهنجا برقعا لاهي باهه جو مچ ٻاري ان ۾
ڦٽا ڪري ٿيون ڇڏين ۽ بغاوت جو بيوگل وڄايائون.

اڄ سڄي ازبڪستان ۾ هڪ به عورت برقعو نٿي
پائي. انقلاب کان اڳ برقعن ۾ اڪيلي ومت گهرڙي جي
واڙن مان نڪرڻ ناهيا ڏيندا هئا. ڪڏهن مولچهه ڪهت

بوساٽ ۾ گھٽيو ويو هو عورت ذات کي! اڄ اهي برقعا عورت جي جهل ۾ رهڻ جي نشاني، فقط عجائب گهرن جو سينگار آهن.

تاشقند يونيورسٽيءَ جي ڳالهه ڪجي. بنارس يونيورسٽيءَ وانگر شاهي پيماني تي وڏن گلن جي سونهن سان سجايل آهي. هنکي ٽئين زماني جي ٽڪسيلا چئجي ته به ٺهي جو ته ساري وچ ايشيا جا ڪئي ڪٽي جا شاگرد هتي اچن ٿا. منجهس سنسڪرت لاءِ به هڪ هال آهي، ١۴ ڪاليج آهن. ٩٨ ته تعليمي وڀاڳ آهن، ١٣ ليبارٽريون آهن. رڳو آفيس تي ١٢ ماڙ جاءِ اٿس.

شام جو هڪ سوينئر ايمپوريم ۾ وڃڻ ٿيو. ڪيترائون زالون ۽ ڇوڪريون ٽوپين ڦراڪن وغيره تي ڀرت جو ڪم ڪري رهيون هيون. ڀرت جون خاص ڊيزائنون هڪ هڪ جڻيءَ کي ڏنل هيون. ڪجهه نمونا اسان کي سوغات ڪري ڏنائون. مردن کي ڀرت واريون ٽوپيون ڏنائون. ان شام جو ٻن ٿيئٽرن ۾ شڪنتلا ۽ ٽئگور جي طوفاني رات تي ٻڌل ناٽڪ پئي هليا پر هائوس فل سبب نه ڏسي سگهياسين. چيائون ته ڪاليداس، ٽئگور، پريمچند، ڪرشنچندر، امرتا پريتم وغيره جا ڪيترائي ڪتاب ازبڪ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيل آهن جو تاشقند يونيورسٽي ۾ هندي، اردو، بنگالي، پنجابي سيکاربي آهي. اهو سڀ ٻڌي تاشقند ٽيرت آستان لاءِ اهميت وڌي وئي.

# سمرقند جو سفر

تاشقند مان جو هوائي جهاز ۾ هلياسين ته بس ڪلاڪ اندر سمرقند پهچي وياسين. ٽڏو ساهه کڻي بابا پرٿوي سنگهه چيو، "لوڪي سند آهي ته ڪڏهن وقت هندستان ۾ انگريزن مون لاءِ "ڏسندي گولي هڻجوس" جو آرڊر ڪيو هو. ١٩٣١ جي ڳالهه آهي. ڀارت مان لڪي ڇپي سرڪار کي اکين ۾ سرمو پائي، پيران بعد ڪابل تائين هلي هتي اچي پهتو هوس. هيءَ آمو نديءَ جا هساڻ اسان ڪلاڪ ۾ پار ڪئي، اُن وقت موڪلي پهچندي ته ڏينهن جا ڏينهن لڳا، پر پار ڪندي به ڏينهن لڳا..."

اهو ٻڌي منهنجي من ۾ ٨٧ سالن جي پيرسن انقلابيءَ لاءِ اڃا به شرڌا وڌي وئي. سنڌ ۾ جڏهن هن جي جيون ڪهاڻي پڙهي هئي. اُن مان خبر پئي هئي ته کيس هڪي غدر پارٽيءَ جي اڳوان جي حيثيت ۾ ٻين سان گڏ لاهور سازش ڪيس ۾ ڦاسيءَ جي سزا ملي هئي؛ انڊمان جيل ۾ پنهنجي سائيءَ کي ملڻ مار خلاف اعتراض ولي ١٥٥ ڏينهن بک هڙتال ڪئي هئي؛ ٻـ دفعا جيل مان ڀڄي ڦاسيءَ کان اڳي پڇيس سنگهه جي چوڻ تي روسي انقلاب جو ابياس ڪرڻ لاءِ ١٩٣١ رشيا آيو هو....

## يادگارن جو شهر

هوائي جهاز مان ئي سمرقند جا الهاسڪ يادگار پڌرا هئا. شايد ان ڪري ئي سمرقند کي اوڀر جو موتي ڪري سڏيو اٿن.

هوٽل جنهن ۾ لٿاسين، اُنجو نالو به "سمرقند" هو. وڻڪارن واري سائي سهڻي شهر مٿان رات جي تارن جي جهرمر ڇهين ماڙي تان نهار ته سڄو شهر ڄڻ تارن جي چادر ۾ ويڙهيو پيو آهي.

صبح صبح وري ڪٺي شهر ڏي نهاريم ته ڪيترا قبا مقبرا شهر جي ساوڪ وچان ڳاٽ ڪڍيو بيٺا آهن.

شهر گهمڻ لڪتاسين ته سنڌ جي ياد تازي ٿي وئي. گهٽيون گهوڙا ۽ ساڳيا پٽي لڳا. پر وڻندي ماڻهن جون شڪليون به ڄڻ ڄاتل سڃاتل پٽي لڳيون، بس هتي ڪيترن هنڌ ليدا وڏا پتلا نظر اچن ٿا.

بلڪل وچڙ ۾ هڪ وڏو شاهي ميدان جنهن جي ٽن پاسن کان وڏيون شاهي جايون هيون، جن کي مدرسا ٿي چيائون. مدرسا ڇا آهن؟ عاليشان ڪلا وارا شاهي ۽ جن جا دروازا آهن، جنهن مٿان ڪاريگري وڻندو ڏس. اصل پڙهي ٿي ٿئي.

هڪ پاسي آهي شير-دور مدرسو. هن جي مٿين ڪمان جي ڪاريگري ۾ سونهري رنگ جي شينهن مٿان، بادامي رنگ جي اکين وارو سج انساني شڪل

جي ليبج مان ڪرڻا پکڙيندو نظر اچي ٿو. هن ١٤ صديءَ
جي مسلم ڪلا ۾ هي ڀرپور مثال آهي جو ڪنهن منش
جهڙي شڪل کي ڪاريگريءَ اندر رکيو ويو آهي.

ٻيو آڳي للاڪاري مدرسو يعني سون جي ڪاريگريءَ
وارو. ١٩ صديءَ ۾ ذرلي ذڏڻ سبب هن جو ڪجهه
حصو ڪري پيو هو. پر سوشلسٽ انقلاب ڪانپوءِ اُن کي
١١ ميٽر اوچو ڪري ڪل ٣١ ميٽر اوچائيءَ سان ٻين
ٻن مقبرن جيترو ڪيو ويو. هن جي اندر تيمور لنگ جي
قبر آهي. تاج محل وانگر زمين جي سطح کان هيٺ
هال ۾ ٺهيل آهي. مٿان قبر سان ٻيو هال آهي، جنهن
۾ اندر سون جي ڪاريگري رکيل آهي. تيمور لنگ
پنهنجي وقت ۾ تمام مشهور بادشاهه هو، پر پنهنجي قبر
پنهنجي اُستاد جي پيرن وٽ ٺهرائي رکي هئائين. سندس پٽ ۽
سندس پٽ جي پوٽي جون قبرون آهن. هڪ ٻي نام قبر
به آهي جنهن جي مٿان چمڪ ۾ گهوڙي جو پڇ ٽنگيل
آهي. لڳي ٿو ته تيمور لنگ وٽ به راڻي پرتاب جي
چيتڪ گهوڙي جيان ڪو خاص پيارو گهوڙو هو، جنهن
جي قبر تيمور لنگ پنهنجي پر ۾ ٺهرائي هئي.

گائيڊ ٻڌايو ته ڪن ماڻهن کي اچي شڪ پيو ته هيءَ
قبر سچ پچ تيمور لنگ جي ڪانهي انڪري ١٩٤١ ۾
وري کوٽائي ڪري ڏٺو ويو ته هڪ سهڻي باڪس اندر
جيڪو هڏن جو پڃرو نظر آيو انهي هڪ ٽنگ ٻي ٽنگ

ڪان اُت سيمينٽر لڳل هئي، ڇاڪاڻ تيمور لنگ منڊو هو، اُلڪري هيءَ لاٽتي ملڻ ڪالهوءِ لِ رکيو ويو قبر جنهن جو لٽن بند ڪرائي ويئي باڻ اوائلي ڪلوسون لڳائي جتي جتي ڪاريگري ٿيل پيئي هئي، اُسي وري نهرائي ويئي. اِهيءَ متئين قبعي کي ڇيون ئي گور - اي - مير. هنجو شان نسبتاً وڏان آهي.

ٻيون آهي علوغ بيگ مدرسو. هي ١٥ صديءَ ۾ تيمورلنگ جي پوٽي ٺهرايو هو. هيءَ ٻہ ڏاڍو مشهور شهنشاهہ ٿي گذريو آهي. هنکي ملڪ جي سداري واڌاري لاءِ ڏاڍا نوان نوان ويچار هئا، پر ڪٽر پنٿين ملن مولوين سندس پٽ کي هنجي خلاف ڀڙڪائي سندس پٽ هٿان قتل ڪرايس. علوغ بيگ جي قبر جي ٻہ ١٩٤١ ۾ کوٽائي ڪرائي ويئي ۽ ڏٺو ويو تہ اندر هڏن جي پڃري جي سڀ بلڪل صفائيءَ سان ڌڙ سان ڪڏ رکيل هئي مگر هئي ڌڙ کان جدا ٿيل.

گائيڊ علوغ بيگ جي ڪِرڻ ٽارن جي اڀياس گهر ٺهرائڻ ۽ ماڻهن لاءِ گهڻا سک سهنج ڪرڻ جون ڪيترون ڳالهيون ٻڌايون. اهڙي چڱي ماڻهوءَ جو خود سندس فرزند سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏي، اها ڳالهہ ڏاڍي ڏک ڏيندڙ لڳي.

شير - دور مدرسي جي شاهي دروازي ۾ گهڙندي ئي سامهون ئي سهڻيون تصويرون پٿين ئي نبڪيل نظر آيون

(١) نظامي گنجوي - جو ليلا مجنون ۽ شيرين فرهاد جهڙن
جڳ مشهور قصن جو ليکڪ ٿي گذريو آهي (٢) شيخ
سعدي جنهن جا پارسي شعر جهڙوڪ "ڪريما ٻه بخشا ٻه
برحال ما" سنڌ ۾ هر ڪنهن پارسيءَ جي شاگرد کي
بر زبان ياد هو. (٣) زيب النسا مشهور سهڻي
شاعرا.

هن ننڍي مدرسي جي اڳيان جيڪو شاهي آڳنڊ
آهي، اتي اچي سمرقند جي زالن ڪلاڪار لوڙهان جو
لاش ليمن جي زال اڳيان رکيو هو ۽ پوءِ ٻاهر جي مڃ ۾
برقعا لاهي اڇلايا هئاتون.

هن جاءِ تي پهچي مون کي سنڌ جي هڪ مسلمان
ليکڪ جو قصو ياد اچي ويو. جيڪو ١٩٦٤ ۾ اسان
گڏ ڪيل سفر ۾ ٻليو هو. هيءَ روشن خيال ليکڪ
حيدرآباد ڇڏي نوڪريءَ سبب ڪراچي لڏي وڃي
رهيو هو. ٻڪرا مهل زال کي چيائين اهو برقعو هاڻي
هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏ. نه نه ڪراچيءَ ۾ ڇڏ..."
وڏيءَ عمر جي مسات چاچيءَ ڇوڪريءَ کي ٻانهن کان
جهلي چيو، "اهڙي مڙس کي طلاق ڏيئي ڇڏ." مگر
ڇوڪري، برقعو لاهي، ڪنڊي ڏهي ماءُ جي ٻنيان رکي
آئي. مون کي ٻڌائيندي چيائين، "مون کي پنهنجو مڙس ڪهي،
هن پردي کي مان ڪيڏانهن ڪيدس. اهو برقعو لوڙهان
پدين کي مبارڪ!" اهين چئي لڪڙي ڌڪ ٻاهر وڃي

ٻنهي گهرن جو هٿ ڀڪوڙيائين.

مولڪي اها ڇوڪري ڪراچيءَ ۾ گڏي هئي، لڏڻ سندس هٿ چمي، مون ۾ سهڻي عورتن لاءِ هڪ دعا گهري هئم، ته شل سڀ عورتون انهن ٻنهي ڀيڻن کي ڏي ٻنهي اکين جي حياءَ جو پردو تسليم ڪن ۽ هن برقعي واري، جيءَ جي جزا ۽ نابرابري ۽ غلاميءَ جو نشان مٽائي ڦٽو ڪن.

سمرقند جي مقبرن جي اهميءَ ريگستان چونڪ ۾ هاڻي رات جو آواز ۽ روشنيءَ گڏيل پروگرام هلايو ويندو آهي. اهڙو پروگرام دهليءَ ۾ لال قلعي ۾ مون ڏٺل آهي. واقعي ڪمال آهي. تاريخ جا ورق ٻيا تصويرن جي ذريعي انهن زنده ڪري ٿا ڏيکاريا وڃن جو ڄڻ اسين خود ڪجهه ان صديون اڳ واري زماني ۾ وڃي ٿا پهچون.

علوغ بيگ جي تاريخي آبزرويٽري ڏسڻ وياسين ته ڏاڍو اچرج ٿيو لڳو هن شاهاڻي دماغ تي! جيئن ته اصل ۾ هيءَ سچي آبزرويٽري زمين دوز ٺهيل هئي، پر هڪڙي شخص مسٽر وياتڪن اُن بابت ڪنهن اخبار ۾ پڙهيو. بس کيڻن ته ڪري اچي کوٽائي ڪرايائين ۽ ڌرتيءَ جي اندران هيءَ جئپور ۽ دهليءَ جي آهياس گهر جهڙي آبزرويٽري نڪري آئي.

زمين کان ۲۰ ڪن فوٽ هيٺ گولائيءَ ۾ لڳي اهڙي طريقي ۽ ماپ سان هيءَ آبزرويٽري ٺهرائي ويئي هئي

جو علوغ بيگ ان سان وٺي ٿارن ۽ انڪيترن جو اڏو اڀياس ڪيو جو گرهن بابت خاص هڪ اٽشن جو ڪتاب ٺاهي تيار ڪيائين. جون تا ڪئين سال يورپ چاهي پڇم جا نجومي علوغ بيگ جي ڪيل کوجنائن کي ئي پنهنجو وڏو ڪ اڀياس جو پايو ڪري ڪم آڻيندا هئا.

رڳو علوغ بيگ کي ئي نه پر پٽي هڪڙي مشهور سڏارڪ عباس کي به ڪٽر پنٿي مولوين قتل ڪرڻ جو سعيو ڪيو هو. جون تا هو ان مهل مڃي اڏامي ويو ۽ پوءِ هڪ متاهين زمين تي اچي لٿو جتي هاڻي شاهه زندهه جو مقبرو آهي.

شاهه زندهه جو مقبرو اڪيلو ناهي انڪان ٿورو ڦيرتي تر زمين کان ٣٠ فوٽ متي پيا به ١٧ مقبرا آهن، جن تي ڪاشي سهڻي ڪاريگري ٿيل آهي. خاص ڪري تيمورلنگ جي هڪ پاڻتي جا ١٦ ورهين ۾ ئي مري وئي هئي، ان جو مقبرو تمام سهڻو نهرايل آهي. جو تيمور ان تيمگريءَ جي سوڀهن قائم رکڻ لاءِ جوڙايو هو. ڇوڪريءَ جو نانو هو شيرين بيگ آقا.

هيءَ سڄي هڪڙي گهٽي آهي جنهنجي ٻنهي پاسن کان هي مقبرا متئي ۽ ٺهيل آهن.

## بيبي خانم جي پريم ڪهاڻي

سمرقند پهرئون چنگيز خان جي ڪاهه سبب سڄو ڊٺو ڦٽو پيو هو، تنهنڪري تيمورلنگ هر ڌس ۾ اڏي ڇڏائو.

خود پنهنجي زال بيبي خانم جو مقبرو تـي اهڙو نهرايـو
هئائين جنهنجي سونهن جڳ مشهور آهي.

هي مقبرو ڏسڻ وباسين ته انجي مـرمت پئي هلي.
هيمت وڏي دروازي کان گهڙندي تي هڪڙو اچن لوڻن
جو وڻ هو. مالهيءَ ان جا لوت اسالکي کـائڻ لاءِ ڏنا.
وڻ هينان وبهي هڪ ڳالهيو جون بيبي خانم جي مقبري
جي باري ۾ ڳالهيون ٻڌڻ لڳاسين. ڏاڍي رازدار نمولي ۾
ڳالهه شروع ڪيائين. چي: هي مقبرو ٺهڻ شروع ٿيو تـه
تيمورلنگ چين فتح ڪرڻ هليو ويو. پنيان بيبي خانـم
هي مقبرو لڪڙو پـورو ڪرائي تيمور کي ڏيکارڻ ٿي
چاهيو. مگر ڏٺائين تـه اسـچين کان گهرايـل ڪاريگر
انجنيئر جو خاص هن مقبري جي ڪم لاءِ ڏنـي رکيو ويو
هو، سو جاٽي واٽي ڪم ۾ اينگهه وجهي رهيو هـو.
حقيقت اها هئي ته اهو جـوان انجنيئر بيبي خانم جي
سونهن تي موهت ٿي پيو هو. کيس جڏهـن اهـا خبر
پئي، تڏهن سياڻپ ڪري هڪ ڏينهن محل ۾ سندس
مالي موڪلايائين.

ماليءَ کاپوءِ ڪيترا بيدا ٿالهيءَ ۾ رکيو کڻي آئي.
سندس اڳيان وبهي هڪ هڪ بيدو ڀڃيندي ويئي. آخر
۾ انجنيئر کي چيائين، "جهڙيءَ طرح بيدي جي کل اندر
ساڳي پيلي ٺڪي ۽ اچي پاٽيمت آهي لهڙيءَ طـرح
هرڪا عورت به اندر ساڳي آهي. ساڳيون ڪـون ۽ دل

آهي هر ڪنهن عورت جي اندر. انگريز ماڻهون ڪاٿ هڪڙي ڇوڪري پسند ڪري ان سان شادي ڪري ڇڏ."

ليڪن اينڊرو سب بڏڙا ڪالپوءِ به الهيءَ اسپيدي پرامپيءَ جو من بيبي خانم تان ڪين هٽيو. هن وري ڇا ڪيو جو آچي پاڻيٺ جون ٻه شيشون اچي بيبي خانم اڳيان رکيون. چي: ڇڪي ٻڌاءِ ته هنن ۾ ڇا آهي؟

بيبي خانم چيو، "هڪ ۾ ته پاڻي آهي ٻيءَ ۾ شايد شراب آهي، جو پيئڻ سان نشو چڙهي تو وڃي."

پرامپيءَ چيو "استري به انهن ني آهي؛ ڪا شراب ته ڪا پاڻي. ٻاهران ڏسڻ ۾ ٻئي ساڳيو رنگ ڇو ته هجي..."

بيبي خانم عجب ۾ هن جوان جي سياڻپ ۽ سولهن کي ڏسڻ لڳي. نوجوان خان کي تيمور جي ملڪيت جاٽي فقط هڪ وار چمڻ جي اجازت گهري. بيبي خانم ڳل لي هٿ رکي ڇڏيو. چون ٿا، پوءِ به ان اسپين جي ڪاريگر جي منيءَ اهڙو ته اثر ڪيو جو بيبي خانم جي ڳل لي ڪارو داغ ٿي پيو.

جڏهن تيمور لنگ واپس موٽيو تڏهن بيبي خانم جي والان هي قصو ٻڌي باهه ٿي ويو. يڪدم ان انجنير کي ڦاسيءَ لي چاڙهڻ جو حڪم ڪيائين. مگر انجنير اڳئي پنهنجي بچاءَ لاءِ تياري ڪري ڇڏي هئي ۽ يڪدم وڃي پنهنجي ديس پهتو.

تيمور لنگ جو غصو ڪونہ لٿو. اُنهيءَ لاءِ سڀني عورتن کي برقعا پائڻ لاءِ حڪم ڪيائين جيئن وري ڪنهن بہ سمرقند جي خوبصورت ڇوڪريءَ تي ڪو ٻاهريون ماڻهو اَکڻ ڇڪن نہ ٿئي. بيبي خانم کي حڪم ڪيائين تہ مٿان مناري تان هيٺ ٽپو ڏيئي سچائيءَ جو ثبوت ڏي. بيبي خانم چيو، موکي جيڪي بہ ويس وڳا آهن، اهي سڀ پائي پوءِ ٽپو ڏينديس. ڪوڙا اٺترا پاتائين، جو ڇٽري بڻجي پيئي. هيٺ ٽپو ڏنائين... تيمور جو موهہ جاڳي پيو.... بيبي خانم بہ بچي وئي ۽ اُن ٽاور ۽ مالڪيءَ جو يادگار آهي هي مقبرو جنهن جي اڳيان بہ هي وڏو شاهي اَڇن تولن جو وڻ ياترين جي اڳيان پنهنجو ميوو نذرانو رکندو اچي ٿو.

بيبي خانم جي مقبري کان ٻاهر آياسين تہ بہ ڳاليهر جون ڳالهيون انهن من ۾ ڇهنديون پيئون، جڻ خاص قسم جي فلم ڏسي موٽيا آهيون. مگر ڇهہ تي ڄڻا جو وري سڌو هڪ ٽيڪسٽائيل فيڪٽري ڏسڻ وياسين تہ جڻ خواب مان حقيقت ۾ پهچي وياسين.

## هڙتال ڇو نہ ٿي ٿئي

سڄي فيڪٽري زالن تي هلائي. ڪٿي ڪو ڪِرو ٻار ٻيڙا وارو ڪم هو تہ اُن لاءِ بہ ٽي مرد هتي هتي نظر پئي آيا. فيڪٽري جي وڏن مشينن آڏانن تي سوني سُٽڙو پئي تيار ٿيو. مئنيجر بہ هڪ استري هئي. هوءَ

سچو ڪري ٿو. ڏينهن ڪاليءَ اسالڪي ٻهراڻي جي ڪارخاني
۾ وٺي هليا، جتي چانهه وغيره سان مهمانوازي ڪئي ويئي.
ڪشميري شاعر مظفر اعظم جو هڪ پٽ هن ئي فئڪٽريءَ
جو مئنيجر آهي، انهيءَ ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙن جي
پگهار، موڪلن، ڪم جي ڪلاڪن وغيره بابت ڪيترائي
انگ اکر ورتا. سوال پڇيائين ته مئنيجمينٽ ۽ ڪم
ڪندڙن جي وچ ۾ اگر ناسازي ٿي پوي، ته انهيءَ جو فيصلو
ڪير ڪري؟

جواب مليو، "هر هڪ فئڪٽريءَ لاءِ ڪم ڪندڙن جي
ڪميشن ۾ هڪ وڪيل هوندو آهي. ان جا فيصلا ٻنهي
لاءِ مئنيجمينٽ پابند آهي."

هيءَ هڪ اهڙو مثال هو، جنهن مان ثابت ٿيو ته
سوويت سرڪار، مزدورن جا حق، رڳو ٻڌي لاءِ ڪونه
ڄاڻايا آهن، پر روزاني جيوت ۾ انهن لاءِ عمل به ڪيو
وڃي ٿو. وڌيڪ اهو به معلوم ٿيو ته فئڪٽريءَ
جي آمدنيءَ مان ڪجهه حصو، ڪلب، ڪئنٽين ۽ راندين
جو ڪيندر ٺاهڻ لاءِ رکيو ويندو آهي.

فئڪٽريءَ جي استري مئنيجر کان مون هڪ سوال
پڇيو، "هيتريون زالون جيڪي هن فئڪٽريءَ ۾ ڪم
ڪن ٿيون، تن مان ڪن جا ٻار ته ڪي ننڍا به هوندا..."

هوءَ يڪدم منهنجي ڳالهه سمجهي ويئي، "هتي
ڪمپائونڊ ۾ ئي ته ٻارن لاءِ ڪريچ آهي. هرڪا ڏيندي

ٻار جي ماءُ ٽي ٽي ڪلاڪ ڪاٻوءَ اڌ ڪلاڪ ٻار تي وڃي ڪير ڏيٺي ايندي آهي....“

”مون کي هتي ڪم ڪندڙ زالن جي صحت ڏاڍي سٺي لڳي.“ اها ڳالهه مون انهيءَ مئنيجر استريءَ جي قدرداني ڪندي چئي ٿي.

پر هوءَ اهو شرف وٺڻ لاءِ تيار ڪانه ٿي. چوڻ چيائين، ”توهان کي نه خبر هوندي ته اسان وٽ ڪامگارن جا سيپٽڪ محل آهن، جتي وقت بوقت موڪلن ۾ آرام ۽ وندر سان سندن تن من تازو توانو ٿي پوندو آهي. هونءَ به اسان وٽ من- وڪاس ۽ تن درستيءَ لئي اهڙو ڌيان ڏنو وڃي ٿو جو علم ۽ علاج جو سڀ خرچ سرڪار ئي ڪندي آهي. سيپٽڪ محلن جو ڪاروبار به اسان منجهان ڪي ڪامگار ئي سنڀاليندا آهن ۽ انهن جو خرچ به فئڪٽريون ڀرينديون آهن....“

مس مس بابا پرتوي سنگهه زبان کولي. چيائين، ”ان ڪري ته رشيا ۾ هڙتالون نه ٿينديون آهن. ڪم، آرام، وندر، فرصت سڀ لاءِ پورهيتن جو ضابطو پوءِ هڙتال جي ضرورت ئي ڇو؟“

بابا پرتوي سنگهه جي منهن تي ڦهليل مرڪ ان مهل نسورو ورتان هئي، جهڙي ڀڪندڙ ڪرڻ سويري پرڀاتي لالائي.

پڇڙي رام ڪرشن ٻلي ڪان به رهيو نه ويو چيائين،

"روس ۾ نه مزورن ۽ هارين جو سمورو ساڪار ٿي چڪو آهي .... پر جڏهن اسانجي ...." اتي هو چئي چپ ٿي ويو. سندس منهن اداس ۽ ڏکويل هو.

## اُنتي ۽ انتظام

مون چيو، "پر هيڏي جا فير ڪٿي آئي آهي جو زالون پڻ ايترو ڪري فيڪٽرين ۾ پيون ڪم ڪن، جن جي ڳل جي لاءِ مٿان سرد حڪومتون گهڻيون قتيون ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا، اهي ڪيئن سلامتيءَ سان هن طرح اي پرڏي پيئون گهمن ڦرن؟"

فيڪٽريءَ جي مئنيجر چيو، "هن فيڪٽريءَ ۾ گهڻو ڪري زالون ڪم ڪنديون آهن. اڄ به اهڙا ٻه گهڻا ڌنڌا آهن جتي زالون مرد ٻئي گڏجي ڪم پيا ڪن، جيئن سرڪاري طور ڪارخانن ۾ ۵۰ سيڪڙو زالون قومي آڌاوليءَ ڪم ۾ ۶۰ سيڪڙو استري ماهر آهن ته تعليمي ۽ ڊاڪٽري پيشي ۾ ۷۰، ۷۵ سيڪڙو زالون آهن، مگر ڪٿي به اوهان کي اهڙو واقعو نه ملندو جو زال ذات سان مستي ڪري يا ڪو بزار مان لنگهندي کيس ڇيڙائي يا بد نظر هڻيس، يا اٿو سيٽو ڳالهائيس. رات جو ڪيترو به دير سان زال ذات کي ڪم تان موٽڻو پوي ته به کيس ڪو همت ڪونه لائيندو. انڪري کيس اڪيلو اچڻ وڃڻ يا گهمڻ ڦرڻ ۾ ڪو به ڊپ ڊاءُ ڪونه ٿئي.

”استري بہ آزادي ۽ برابري حاصل ڪرڻ بعد ڪا ڇڙواڳ بڻي آهي. سڀ ڪجهه اسانجي ماڻهن کي شخصي حق حقوق، سکن ۽ سهنجن سان گڏ پنهنجيءَ سماج ۽ ديس جي ڀلائيءَ جو بہ اوترو رهي ٿو. هو انتظام ۽ فرض شناسيءَ جا بہ اهڙائي ڪوڏيا آهن، جيترا پنهنجي اُتيءَ جا.“

ڳالهہ ٻولهہ شايد اڃا بہ هلي ها پر گائيڊ ڪٽي واچ ڏي اشارو ڪيو. اسين سڀ اُٿي کڙا ٿياسين. ڇو تہ اڃا هوٽل ۾ پهچي، سامان سهيري، ماني کائي سمرقند هوائي اڏي لي پهچڻو هو.

جلد هوائي اڏي تي پهچي وياسين. وڏيڪ سفر لاءِ اتان ئي هوائي جهاز ملڻو هو. اسانجا گائيڊ جيستائين ڪجهہ بندوبست ڪرڻ ۾ رڌل هئا تيستائين اسين ڳالهيون ڪرڻ وٺي رهياسين. سمرقند جي الهاسڪ شان شوڪت جون ڳالهيون اڃي اڪنيون. ڪشميري شاعر مظفر اعظم حافظ شيرازيءَ جو ذڪر ڪيائو. مون ڪلي چيو، ”اهو شيرازيءَ جو ئي شعر آهي نہ جنهن ۾ پريتم پنهنجي پريتما کي چوي ٿو: منهنجي! لهنجي ڳل جي ترلن مان جيڪر سمرقند ۽ بخارا بہ گهوري ڇڏيان....“

اسين ٽيڪي ڪلي رهيا هئاسين پر ڪرشن ٻلي اڃا ماٺ هئا.

مون چيو، ”ٻلي صاحب! توهانکي هتي جي ماڻهن جا سک سهنج ۽ منهن ۾ روشني ڏسي پنهنجو ملڪ

ياد اچي ويو آهي نہ؟"

پر بلي صاحب جي زبان مان اکر ڪين اُڪليو. سندس نظر پري ڪٿي دور دراز ماضيءَ ڪي ڏسڻ ۾ مشغول هئي.

مون چيو، "بلي صاحب! مان بہ جڏهن جڏهن پنهنجي ملڪ جا ڏراوي ۽ ڪلڪتي جي ريلوي اسٽيشن ني رات جي سٽل غريبيءَ جا نظارا ياد ڪندي آهيان تہ من اداس ٿي ويندو آهي ...."

بلي چيو، "ڪيڏا سپنا هئا هندستان کي آزاد ۽ آباد ڏسڻ جا اسان وٽ! مان ان وقت ڪانگريس ۾ شامل ٿيو هوس. ڊراما لکندو هوس. منهنجي شاديءَ کي پورا ١٥ ڏينهن ٿيا هئا، جو انگريز سرڪار اچي هٿڪڙيون وڌيون. ١٦ ورهين جي معصوم منهنجي ڪنوار، پنج سال منهنجي جيل ڪاٽڻ جو مدو انتظار ۾ گذاريو. ولچاري بيمار ٿي پيئي. منهنجي جيل مان ڇٽڻ ۾ فقط ٢٣ ڏينهن هئا جو هوءَ وڃي ساسين سڪالي ٿي.... ڪهڙي من سان مون هنجي موت جي خبر ٻڌي هوندي! جيل جي هڪ انسپيڪٽر اها خبر ٻڌائي چيو: اگر تون هيٺئر لکي ڏين تہ وري هلچل ۾ بھرو نہ وٺندين تہ لوکي، تنهنجي ٢٣ ڏينهن جيل جي مدي پوري ٿيڻ کان اڳ ڇڏي ڏيون. وڃي پنهنجي زال جو اگهي سنسڪار ڪر...." مون چيو، "ڪيڏي وڏي

مهرباني ڪري ته چاهيو مون لئي! مگر مان جتي لوورلي
زال کان هيترو وقت پري رهي سگهيس، آئي ٢٣ ڏينهن
ٿيائي وڏي ڳالهه ڪانهي، جڏهن هـــوءِ دنيا ڇـڏي
ويئي...!
”سندري پيٽ! خبر اٿيئي ان وقت هين ڇا ڪيو؟“
”ڇا ڪيو“ مون کيهن ٻڌ کان ڏکندي چيو،
”هين مولڪي اڪيلو ائهيءَ ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ڪٽي
ڏنو ڪيو جتي قاسيءَ جي سزا مليل قيدين کي رکندا
اهن!.... بس اها لکڻ جي قوت هئي جنهن مونکي ۽
ڪي ۽ اااميدي ۾ ٻه زنده رکيو. ان وقت جا لکيل
منهنجا ڊراما، جڏهن پبلڪ اسٽيج لئي آندا، تڏهن انهن
ڊرامن لئي بندش وڌي ويئي....
”جيل مان رهائي ملي. مس مس دڪ سهاني مان
وري مگيس. مگر مگٽي جي بلڪل ١٦ ڏينهـن وري
مڪڙون هتي ۾ هيون .... منهنجي آها زال جا هـانڻ
مئجسٽريٽ ٿي ويئي آهي، سا منهنجي جيل جي رهائيءَ
اڻ ٿي سال لڳي ان کانپوءِ اسانجي شادي ٿي... ۾
پوشين جي ساري وهي جيلن ۾ گذارڻ بعد ٻه اها اسان
جي ملڪ کي هرٻو پرڻو ڏسڻ جـو سپنو ساڪار لـــ
ڏٺو اٿم.“

رام ڪرشن ٻلي جو دڪ اسان چيٽي کي وڙهي وينو
هو جو سمرقند مان آڏامي اچي تاشقند جي هوائي اڏي

# ليننگراد جو درشن

تاشقند مان هوائي جهاز ۾ ماسڪو ۾ پهتاسين. اُتان وري ريل رستي ليننگراد ويٺو هوس. ليننگراد نالي سان لينن جي ياد اچي ٿي، پر من کي الاجي ڪيترن ڪهاڻين جي نالن ياد اچي ويا ۽ ڪتابن... گوگول.... ترجنيف... دوستووسڪي.... ٽالسٽاءِ... چيخوف.... گورڪي.... مائڪوسڪي جهڙن سندن رچنائن لاءِ هن شهر جا ڇا ڇا نه اُسرندڙ ۽ اُڀرندڙ ڏٺيو هو....

ريل پهچڻ پڄاڻ سان هڪ آواز هلندي هلي. گاڏي ٺهيو ڪي اسٽرو وارو. ڪتاب پڙهڻ لاءِ وهائي وقت ٻتي لڳل. چوطرف آرسيون ۽ سهڻا پردا لڳل. جنهن ڪري سيڪنڊ ڪلاس جي ريل ڪمرو هو. ريل جو هڙو آسائش وارو سفر سڄي عمر ۾ نه ڪيو هوم. جيتوڻيڪ انگلنڊ، آمريڪا ۽ يورپ ۽ ڪئنيڊا ۾ به ريل ۾ ٿورو گهڻو گهمي هئس.

## راتيون به ڏينهن جهڙيون

ريل ۾ ديري تائين پڙهندو هئس. ٻاهر ڪٿين ميل زمين جا، چانڊوڪيءَ جي شفاف چادر سان چمڪندا، ڦرندا هلندا نظر پئي آيا. ريل ساون ميدانن ۽ ونڪارن جي

وچ مسان نڪتي هلي. ڪنهن وقت انهن ٻنهي لڳو ڄڻ جي سهائي هن ميدان مٿان اڀري، جنهن سان وچالو آهي، جو مشرقن ۽ هنن وچهي مٿي ڪئمپس ۽ ميداني، جي ورق جهان سڄي مٿي نڪتي اڀري. ٿورن مشرقن ڪاٺوءَ وري جو اڀاهر ڪٽي ڏٺا ڪيرائڻ ۽ ڏسڻ اهڙو چالديءَ جي ورق جهڙو جساڻ اڀار مشهور مٿي ڪٽي چڙهيو آهي ۽ هوءَ جا ڏيون تران جي علائقا واري هوا پٽي لڳي، اهڙا منجهه ڏٺي ڏيکاريون ڪريو پٽي. هاڻي ساري ملڪ مٿان ٿڌي صبح جي انڌاري ٻاڦ ڪٽي ڦهلايو هو. اڌي رات جا ٽي لڳا هئا، ٻر جو طرف ڪير گڏيا جهڙو ڏينهن واڙو سو جهڙو هاريو ٻيو هو.

ڪڏهن ٻڌل ضرور هو ته ٢١ جون کان ٢١ جولاءِ تائين ليننگراڊ ۾ ٢٤ ڪلاڪ ڏينهن ئي ڏينهن هوندو آهي رات ٿئي ئي ڪين، رستي تي به سرڪاري بتيون ٻارڻ جي ضرورت ڪانه پوندي آهي. ٻر ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ وڏو فرق آهي. ڪيترا ٻيرا ڏهٽي ڪسم ۾ ٻڌل هجبو آهي ته چئبو آهي جيڪر ٤٨ ڪلاڪ ڏينهن ٿي ٻوتي ته کهڙو نه چڱو ٿئي. هتي ته سچو مهنو قدرت ڏينهن تي ڏينهن ڪٽي وڃايو هو! هي سڀ ٻڌ جادو ۽ ڪرامت جو قصو هو جو رڳو ڏسڻ سان ئي اعتبار ڪرڻ جهڙو هو. حقيقت ۾ رشيا ۾ سوشلست انقلاب ۽ ان بعد ڪيل عبرتناڪ ترقي به ته جادو ۽ ڪرامت کان گهٽ ناهن.

رهڻ پنهنجي رفتار سان ها اُس واري نوراني ڏينهن جي ننڍي سيٽي ۾ سرڪندي پئي ويئي. مون اکيون کڻي بند ڪيون مگر ننڊ ڪٿي؟ هتي نه لينگراڊ جون تصويرون اچي اکيان بيٺيون...

## انقلاب جي ڪرامت

انقلابي جوان زار جي ظلم کان جنتا کي ڇڏائڻ لاءِ ڪيس هون ڪرڻ ٿي چاهيو. زار ڏيپ وچان راس جو پنهنجي محلات ۾ ڪڏهن هڪ نه ڪڏهن ٻئي ڪمري ۾ سمهندو هو. نيٺ سورهين جوان سوڀارا ٿيا ۽ زار کي وچ بزار ۾ بم سان اڏايو ويو.

ڪجهه ننڊ ڪجهه جاڳ ۾ ڏسي رهي هئس تصويرن بدلي... زمانو بدليو... ٢٤ سال گذري ويا... ليننگراد جو زار جو ونٽر پئلس (سياري جو محلات) جنهن ۾ سونا چمڪندا ڪاٺ جهڙي راڻيون راجائون شهزادا ۽ شهزاديون کي ڪجهه ڏسائي رهيون هيون، ڪي ڪجهه اچلي رهيون هيون. هاري ساري جن سندن خوراڪ کي خوراڪ جو روپ ڏنو هو سي ساڻيڪو ميز ڪري، محلات جي شاهي دروازن وٽ آيا. چيو: بار بک تسا مرن، بدل معاف ڪريو، ڪي سڌارا ڪريو.

مگر زار نڪولس فوج کي حڪم ڪيو "هنن اڌ مئل انسانن کي محل جي دروازي لائين اچڻ جي همت!" گولين جي بوڇار ٿي؟ هزارين هاري شهيد ٿي ويا. ١٩٠٥

اهڙي ننڍين راڄ ۾ ڪيئن چمڪي اُٿو هوندو هيءُ سورهين ۽ ساهتڪارن، فنڪارن ۽ فيلسوفن جو شهر! .... سوچيندي سوچيندي خبر ناهي ڪيڏي مهل منهنجون اکين سج پچ لنڊ ڪري ڇڏي.

جاڳ ٿي در جي کڙڪي تي. ڪنهن کٽي در کوليم ته ڏسان هڪ سڀاڄهي روسي ڇوڪري چانهه جو ڪوپ کڻيو بيٺي آهي. رڪ جي ڪٽ ڪاريگريءَ اندر شيشي جو گلاس - هيءَ آهي رشيا جي ڪوپ جو خاص نمونو.

مان منهن ڌوئي اچي چانهه پيئڻ ويٺس. رڌڻي تي روسي گيت وڄڻ شروع ٿي ويا هئا.

لينن‌گراڊ هوٽل ۾ پهتاسين ته خبر پيئي ته نهرو اوارڊ حاصل ڪيل اسانجي پارٽيءَ جا باقي چار ڄڻا جيڪي تبلسي ۽ باڪو گهمڻ ويا هئا، سي اڳئي انهيءَ هوٽل ۾ پهچي ويا آهن.

## شاهاڻي هوٽل

هن شاهاڻي ۽ شاندار هوٽل جي سونهن سينگار جو شاهي ٺٺمالو ڏسي ڪلندي بابا پرلوڀسنگهه کي چيم، "بدارو هاڻي ڪٿي پهتا آهيون، اوبيراءِ شيرٽنان ۾ ڪين تاجمحل ۾؟"

"منهنجي ڪتاب ۾"، بابا هڪ معني ڀريءَ مرڪ سان ڏسڻ لڳو. مون به سندس مطلب سمجهي مرڪ جو جواب مرڪ ۾ ڏنو. بابا جي ڪتاب جو نالو جڏهن لي

کيس ڏهرو اوارڊ مليو سو آهي ”لينن کي ڏنس ۾.“
انٽري ۾ گائيڊ اسانجي روسن جا نمبر ۽ ڪارڊ هٿ ۾ ڏنا. لفٽ ۾ چڙهي سڀ پنهنجي پنهنجي ماڙي تي لٿاسين.

سامان اڳيئي اسانجي ڪمرن ۾ پهچي ويو هو. اڇا ڪر موڙي، روم جو جائزو پئي ورتم ته گائيڊ فون ڪيو جلدي تيار ٿي اچو. ٻيرن ڪري هڪدم سيلاني بس ۾ ليننگراڊ جي سئر تي نڪرڻو آهي.

جلدي جلدي وڃي ڏٺو ڪوسو پئي ٻوچ کولي ٽب ۾ ٿوهاري هيٺان وهي رهيس. مسافريءَ ۾ هونءَ ٿي گهر جي. ذميواريءَ کان آجو رهي، هڪ قسم جو هوا ۾ ترڻ جو احساس پيدا ٿيندو آهي، باقي ٽب ۾ وهڻ ته ڪلاڪ ۾ ترڻ وانگر پاڻکي هلڪو پيو سمجهه....

پنهنجو پاڻ بهار راڳ جسي جڏن اڇي جيءَ ۾ لهرائڻ لڳي...

تيار ٿي هيٺ ٻيرن لاءِ هال ۾ پهتس ته وجود ٿي وسامي ويو. يورپ آمريڪا جا سهڻا مرد ۽ زالون، حسين ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا خوب قد بت ۽ خنڪيءَ ڀري طبيعت وارا سڀ ٽيبل وارا ويٺا هئا.

ويتر ڇوڪري موڪلي الدرٽين هال ۾ وٺي هلي. هتي سيئي مهندا سالي ٻين لڏڙيسي ۽ روسي ماڻهن ماڻهن سان گڏ هڪ ٽري کٽي، ان ۾ مرڪز واريءَ

شاهي ميز تان پنهنجي پسنديءَ جون شيون کڻندا، ٿڌين ڇٽن جي وچ وارين ميزن طرف وڃي ويا. هيءَ هئي لسٽرن، جنهن ۾ مکڻ جون ٽڪيون، جيئم، کير، ڪافي، چانهه، ڊبل روٽي، ڏڌ جي ٿهيل ٻوٽانٽي چيز، اُباريل بيدا، گوشت جا سلائيس، چيز جا سلائيس... چيري فروٽ جا گول گول داڻا، ميوو ٿڌو شربت، منرل واٽر.... جيڪي وڻي ۽ جيترو وڻي وٺو کائو، جيڪي وڻي سو وٺو پيءُ... ياد آهي ته ڪيئن نه هڪ سنڌي واپاري يورپ ۽ رشيا گهمڻ بعد چيو هو ته رشيا ۾ هوٽلن ۾ رهڻ ۽ کائڻ پيئڻ ملڪن کان سستو آهي.

ليمن ڪري ٻاهر آياسين ته اسانجي آڌ پارٽيءَ وارا چار ڄڻا اڳيئي ويٽنگ هال جي ڊنلپ جي ڪرسين ۾ اسانجو انتظار ڪري رهيا هئا.

ٽامل ليکڪ مسٽر اڪلن (جنهنکي گيان پيٺ اوارڊ ۾ مليو هو) چيو، ”سو آخر ليننگراڊ جي الهاسڪ شهر ۾ پهچي ويا آهيون.“

شري ڪرهڙڪر (مرهٽي ليکڪ) ذرا لاچاڪ ٿي لکڻ چيائين، ”مان توهان سان ليننگراڊ گهمڻ ڪونه ٿو هلي سگهان.“

مون پنهنجي گائيڊ ڏانهن نهاريو. الهيءَ اشارو سمجهي ويءَ پارٽيءَ جي گائيڊ کي چيو، ”ڊاڪٽر کي ته ڏيکاريو اٿيئس ڇا؟“

اساڻهي هن اپ پارٽيءَ جي جشن جشن کي جيڪي ۽ گائيڊ مليل هئا تن مان هڪ جوان چيو، "ڊاڪٽر دوا ڏني اٿس، سياڻي تائين ليٽ ٿي وهندو اچ ڀلي آرام ڪري."

بنگالي ليکڪ مسٽر گهوش وڏيءَ عمر جو آهي، پر سندس من ۾ ڪا السالي پرلت جي عجيب پنهنجائي پيئي لهرائي. منهنجي اڳيان اچي بيهي منهن ۾ نهاري نمستي ڪيائين ۽ چيائين، "توکي ڏهليءَ ۾ انعام وٺڻ مهل ڏٺو هوم."

مان سندس هن قرب جي قائل ٿيڻهي ڏسي رهي هئس ته ڪيئن هو ڪرسيءَ تان اٿي خاص پر ۾ ٻيهي هيءَ ٿوري ڳالهه ڇٽي پنهنجي پنهنجائي جتائڻ آيو آهي... مونکي هن شخص بابت پڙهيل هو ته پنهنجي جوانيءَ جي وقت وڏو انقلابي هو. ڪيترا رشيا جا ڪتاب بنگلا ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرايا هئائين.

اتنرو وقت هندي ليکڪ چندر گپت ودياڀنڪار (ڏيم يگ ۽ سارڪا جو اڳيون سمپادڪ) خبر ناهي غالبهي مٿان ڪيترا پيرا اکڙي اچ وڃ ڪندو سگريٽ جا ڪش هڻندو ٿي ويو. واچ ڏيکاري چيائين، "هاڻي هلو ٻه."

۱ وڙانو اڏ اسڪر سيلاني

اپيءَ پارٽيءَ جي گائيڊ چيو، "بس مان هن کي

”لمستي“ چئي ولان. جئي ٻڪيءَ وانگر ڊڪي ڏيئي سگريٽ انش ٽري ۾ رکي ٻنهي هٿن سان لمستي چئي، پنهنجي پارٽيءَ کي وٺي شاهي دروازي کان اسان جي پارٽيءَ کان ٽي اڳ لڪري ويو. اسانجي گائيڊ ڇوڪريءَ لوبيا چيو، اسانجي بس ۾ اچا پنڌرهن ڪسن منٽ پيا آهن. اسين شاهي دروازي جي ٻاهر اچي بيٺاسين. ٻاهر ڏاڻي پاسي هڪ تمام وڏو دڪان هو جنهن جي مٿان لڳل هو ”بريوزڪا“ مون چيو، ”مس لوبيا! موٽندي هن شاپ تان اچي روسي گڏيون خريد ڪنداسين.“ مسٽر ٻلي اڳيان وڌي چيو، ”لوبيا مونکي به ڌيءَ لاءِ زنجير ۽ زال لاءِ پين خريد ڪري ڏج هتان...“

۽ موٽرون اچي ويئون ۽ اسين سيلاني بس وٽ اچي ويٺاسين ته اسانجي گائيڊ چيو، ”اسان ليننگراڊ تمام گهڻا پيرا ڏٺو آهي، هاڻي هيءَ مس ٻوبووا توهانکي هن بس ۾ وٺي هلندي. جيئن ٻين کي ليننگراڊ بابت الهاسڪ ڳالهيون ٻڌائيندي هلندي ليڪن توهين به ٻڌندا وڃجو. خبر ناهي هن سان ڪڏ ڪيترا الهاسڪ سال توهين اکين اڳيان زنده ٿيندا ڏسندا.“

مس ٻوبووا سنهي ڏکي ڪمر جي بوتل جهڙي اچي، گلابي چمن واري ڇوڪري، اس ۾ بلڪل منهنجي ويجهو ويٺي هئي. مائيڪ سندس هٿ ۾ هو، بس هلڻ شروع ڪري ته هيءَ ۽ آواز کي بلند ڪري. سندس اکين ۾

خاص قسم جو ڪاڄل لڳل هو هر هڪ پير جا ٽي ٽي وار ڳنڍ ٿيل هئا الهيءَ ڪاڄل سبب.

مون چيو، ”هيتريون بسيون هلنديون؟“

مس پوپووا چيو، ”رشيا ۾ روزانو پنجاهه هزار سيلاني گهمڻ ايندا آهن...“

منهنجون اکيون ڦاٽي ويون. هي جو ڪيترا ماڻهو چوندا آهن رشيا ۾ فقط سرڪاري طرح گهرايل ڳاڻا ڳڻيا ماڻهو وڃي سگهندا آهن سو سڀ غلط آهي!

## انقلاب جو مندر

پيٽر جي پتلي وٽان لنگهي رهيا هئاسين. مس پوپووا چيو، ”اصل اصل هن شهر جو نالو پيٽر بادشاهه جي نالي پٺيان پيٽرسبرگ ۽ پيٽروگراد رکيل هو. مگر لينن جي ديهانت کانپوءِ مٿس يڪدم لينن گراد نالو رکيوسين. بس هڪ شاهي جڳهه وٽ اچي رڪي. هن جاءِ جو نالو هو ”سمولني“.

آڳنڌ ۾ لينن جو شاهي پتلو اشاري سان طرف ڏيکاري رهيو هو....

اندر هال ۾ گهڙياسين ته گائيڊ چيو، ”هن جاءِ ۾ ئي ٧ نومبر ١٩١٧ جي انقلاب جي تياري ٿي. لينن هتان مزدورن هارين ۽ سولجرن کي بغاوت جو سڏ ڏنو. هن سان ڪلهو ڪلهي ۾ لاهي بيٺو. انقلاب ڪامياب ٿيو. هن ئي هال ۾ ڪامگارن، هارين ۽ سپاهين جي

ڪانفرنس ڪني لـي هئي. جنهن لينن جـي الهـڪ اعلان کي بحال ڪيو، جيڪي سڀني کي رونـي ۽ علم ڏيڻ، صلح: ۽ رهڻ، زمين مفت هارين ۾ ورهائڻ ۽ رشيا جي سڀني قومن کي خود مختياري ۽ ڌرمي آزادي جو حق ڏيڻ بابت هئا. *

هتي ئي لينن انقلاب جي ٦ مهنن اندر هڪ خاص ڪاميٽي ڪڙي ڪئي جنهن چوربازاري، رشوتخوري ۽ سماج ورودي ڪارروائين کي بند ڪرڻ جو ڪم ڪيو. رشوتخوريءَ لاءِ پنج پنج سال سزا به ڏيندي ويندي هئي. هن سمولنيءَ ۾ ئي لينن جي وزير اعظميءَ هيٺ دنيا جي پهرين هارين مزدورن جي سرڪار جي بحالي ڏني وئي.

اٺترو چئي گائيڊ پورووا ماٺ ٿي وئي ۽ اسين چپ چاپ سندس الهاسڪ درشيه اکين ۾ ڪيو بيٺا هئاسين.

مونکي ياد آهي ته ڪيئن لوڪمانيه تلڪ انوقت پنهنجي ڪيسري اخبار ۾ لينن جـي صلح ۽ زمين ۽ خود مختياري جي اعـلان جي ساراهه ڪئي هئي. انـي پيسنٽ به ڪانگريس پردان جي حيثيت ۾ روسي انقلاب جو ذڪر ڪيو هو ته انگريزن به ان انقلاب جو پارلواسين تي ٽيل اثر ڏسي ١٩١٩ ۾ مانٽيگو چيلمسفورڊ سڌارن جو اعلان ڪيو.

---

* READ LENIN'S DECREES ON PEACE & LAND

پوپووا آگر سان هڪ پيءَ ڏي اشارو ڪيو. اُلي سنولهري لفظن ۾ ١٩١٧ جو سچي رشيا لاءِ پاس ڪيل سوشلسٽ جوڙجڪ لکيل هـو. هن انقلاب جي مصدر جو درشن ڪرڻ وقت مُهندر ڪنڌ شـرڌا وچـان جهڪي ويو.

## اتهاسڪ يادگار

سمولنيءَ جي شاهي هال لکري اسين ڏاڻي پاسي واريءَ ليمن جي وهڻ جي ڪوٺيءَ ڏي وڌياسين. اُلي هڪ رواجي ننڍو ڪوچ رکيل هو. پرسان ٽيبل ۽ ڪتابن جو ڪبٽ اندر رکيو هو. ان لي وينو ليمن ماٺهن سان ڳالهيون ٻولهيون به ڪندو ۽ لکپڙهه به ڪندو هو. اندر سمهڻ جي ڪمري ۾ ننڍا ٻه پلنگ پيل هئا جتي ليمن ۽ ڪروپسڪايا رات جو آرامي ٿيندا هئا. ڪيڏي نه سادگيءَ سان رهندو هو، سوشلسٽ انقلاب جو اڳـو ڪارڻ ليمن. ماڪ کي لتون روپ ڏيڻ لاءِ ليمن سمولني ۾ ٨٢٤ ڏينهن لاڳيتا رات ڏينهن ڪم ڪندو رهيو. پـر ٽن سالن اندر ٿي انقلاب جـي دشمن جي ڪيل حملي ۾ اهڙو ته بيمار ٿي پيو جو وري نه اٿيو.

سيڙهي سلاني جڏهن سمولني بلڊنگ کان ٻاهر آياسين ته هن گانڌي پوپووا هڪ طرف هٿ کڻي چيو هن طرف ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلس جا پتلا آهن جن ٿي ڪميونزم جهڙي انقلابي مت جو بنياد وڌو.

بس هلندي مس پوپووا ڪيترن مکيه مکيه جڳهين جي تاريخ ٻڌائيندي ٿي هلي. انهن جي ڪاريگرن جا نالا به ياد هئس. من ۾ چيم ”رشيا جي هن نئين سماج ۾ هر قسم جي پورهئي جو قدر تيئن لڳو آهي جو هر ڪنهن جو به نالو لکيو آهي.“

ڪيترائي سهڻا محل جن ۾ هاڻي اسڪول ڪريچ يا سرڪاري دفتر آهي، اهي ڏسندا اسين اچي سمر گارڊن ۾ لٿاسين، جنهن ۾ ٨٢ سهڻا پتلا آهن جن ۾ هڪ پتلو آهي ڪيوپڊ (ڪام ديوتا) ۽ سندس منگيتر سائيڪ جو جيڪا رتل راڻي کي رجهائي رهي آهي.

مس پوپووا ٻين ٻين ڪيترن پتلن جون ڳالهيون ٻڌايون. اسين اچي ان محل پيٽر جي سمر پئلس وٽ پهتاسين. ٿوري ئي پري سمنڊ ساطان دور دور لسانين ڦهليل نظر پئي آيو. افق وٽ آسمان سان ڳنڍل لڳي ڳالهيون پئي ڪيائين. سمر پئلس ۾ پيٽر جون ڪئين ڪيل سهڻيون چيزون ڏسي، ونٽر پئلس ڏي وڃي رهيا هئاسين جو باغ ۾ اينگل سونهري پتلن جي سونهن ڏسڻ وٽي رهياسين. هڪڙي چوڪ فيلڊ آف مارس يعني منگل گره جو دائرو. شاهي آدم قد وارا بيحد سهڻا روپ شڪلين وارا ڪيترائي پتلا ڪنهن خاص انداز ۾ ٺاهيل آهن.

نومبر ١٩١٧ ۾ ”ارورا“ ڪروزر (ٻيڙي) تان ٻهرين ونٽر پئلس

کي هٿ ڪري لاءِ گوليبازي ڪرڻي پيئي هئي. ١٨٠ بهادر انقلابي مارجي ويا. جنکي هڪ هنڌ دفن ڪيو ويو. انهيءَ جاءِ تي هاڻي ”انقلابي شهيدن“ جو شاهي نشان ٺهيل آهي. اروڙا ٽان تي انقلاب جو ناد وڳو.

ونٽر پئلس جنهنکي هرمٽاج (آشرم) ميوزم چوندا آهن بادشاهه جي رهڻ جو محل هو. گائيڊ ٻڌايو ته جڏهن جرمنيءَ ١٩٤١ ۾ ليننگراڊ تي ڪاهه ڪئي تڏهن ونٽر پئلس جو سارو سهڻو سامان، ماڻهن ڏوڙي ڏوڙي وڃي تمام ڏورانهن هنڌن تي لڪائي رکيو. ڪيترن ڪلاڪاريءَ وارن جاين ۽ محلاتن جي ڇتين تي ماهران ڪن ڪلاڪارن جهنگل بيابان اهڙي خوبصورتيءَ سان ڪٽي ڇڏيا جئن ناظرن کي انهن جي خبر نه پوي. ٻئن ڪري محل اندر اينٽيڪرافٽ وارن ۽ ٻنهي سيڪٽ ورتي کي بچائڻ ۾ ڏاڍي چترائي ڏيکاري. هاڻي ونٽر پئلس ۾ ڪل ٢٧٠٠٠٠ اهڙيون اڏيهه چيزون رکيل آهن، جن کي ڏسڻ لاءِ ڪٿان ڪٿان جا روزانو ماڻهو ڪهي ايندا آهن. هڪ هال ۾ پارلي ڪلا جون ٻه جام شيون رکيل آهن.

هي ونٽر پئلس ئي آهي جنهن جي اڳيان ١٩٠٥ جي جنوري آرتوار ڏينهن هڪ لک چاليهه هزار هاري ۽ سندن استريون جهنڊا کڻي زار الميگزينڊر ٻئي کي پنهنجا ڏک سور ٻڌائڻ ۽ اهنجه دور ڪرائڻ آيا هئا

ٽر زار جي فوج هٿان گوليون کائي ساڍا چار هزار شهيد ٿيا. انهيءَ آرتوار کي انڪري ئي خوني آرتوار سڏيندا آهن.

## ٢ ڪروڙ روسين جي قرباني

ونٽر پئلس (هرميٽاج ميوزيم) جو دنيا جي بهترين ڪلا جو ميوزيم آهي جيڪو هرسال ٣٥ لک سيلاني ايندا آهن، اهو ان دوران ڏسڻ جو موقعو نه مليو جو مرمت ٿي رهي هئي. ان جي پرسان ئي پيٽر پال جو قلعو هو جنهن ۾ انقلابين ۽ آزاديءَ جي اڳواڻن کي قيد رکيو ويندو هو. انهن ۾ ڪڏهن لينن جو ڀاءُ ۽ ٻيو جنهن کي پوءِ ڦاسي ملي ۽ ٻيا مشهور ليکڪ دوستوفسڪي ۽ گورڪي به هئا.

اهڙو ئي ٻيو يادگار هنڌ هو "ڊسمبر چونڪ" جيڪو زار خلاف ٢٥ ڊسمبر ١٨٢٥ ۾ اميرن جي بغاوت ڪري سڏيو ويو آهي.

شهر ۾ وک وک تي ويڙهن جا نشان هئا. پوءِ اهڙن سپوتن جي ديس تي ڪيئن ٿي نانا شاهه هٽلر سوڀ پائي سگهيو؟ هن ٻئي دولاب ڪري رشيا تي زبردست شاهي حملو ڪيو. ليننگراڊ کي تباهه ڪرڻ لاءِ لڳاتار بمباريءَ جي اڳ وسائيندو رهيو. شهر پورا ٩٠٠ ڏينهن ناڪابنديءَ هيٺ رهيو. هٽلر کي سوڀ جي اهڙي پڪ هئي جو آسٽوريا هوٽل ۾ اهو ڏينهن ملهائڻ لاءِ

ليننڊ پٽر تيار ڪرائي رکيا هئا. ليڪن جانباز سوويٽ جنتا سر سان ڪفن ٻڌي لڙي، انهن بکون ۽ سرديون، بمبازي ۽ گوليبازي جي برسات سهي هٽلر جون ملين مرادون مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيون. جوان جوانڙيون اصل ٻار ٻڍا ۽ ٻنتي نه پيا. هڪ اهڙي سورهيه سپتري ١١ سالن جي تانيا پنهنجي گهر جي ڀاتين جي قرباني ڪندي مرڻ جي ڊائري لکندي پاڻ به آهوتي ڏيئي ڇڏي. ۽ لينينگراڊ بچي ويو. بچي ويئي نئين سوويٽ سڀيتا ۽ بچي ويئي انسانجي پارت ڀومي ۽ سڄي دنيا جنهن کي فتح ڪرڻ جو هٽلر سپنو لڌو. سوويٽ ڀولين کي دنيا کي بچائڻ لاءِ ٻن ڪروڙ ماڻهن جي قرباني ڏيڻي پيئي ۽ پنهنجي ديس جي برٻادي سهڻي پيئي. لينينگراڊ کي سورهيه شهر جو لقب ڏنو ويو.

ياد آهي نه ڪيئن نه انسانجي ديش پتا **مهاتما گانڌي** ٢٢ نومبر ١٩٤٢ ۾ روشيا جي حملي وقت، جيل ۾ چنتا ظاهر ڪندي ڊاڪٽر سشيلا نائر کي چيو هو نه جيڪڏهن روشيا ختم ٿي ويئي نه پوءِ غريبن لاءِ ڪهڙي آشا رهندي؟ .... روس جو ناس ٿيڻ ڪيئن سهي سگهبو؟ **گرديو ٽئگور** به بيماريءَ جي بستري تان روس جي لاءِ ڏاڍي انتظاريءَ وچان پڇندو رهندو هو.

هي نئين زماني جا انهاسڪ يادگار ڏسي پرڀل دل ٿي موٽياسين. هوٽل ۾ اچي هٿ منهن ڌوئي تازا

لوانا ٿياسين ته مسٽر پلي چيو مان روئي ڪاٺ ته هلندس. گانيڪ سندس شڪل مان سندس سوڪيل بدن جي تڪ جو اندازو لڳائي ورتو ۽ چيائين لوهان ڪي روم ۾ نيي ڪاڏو ٿو موڪليان ۾ مٿي لي همت لائي ڏٺائيندس ته ٻت بخار لڳو پيو هوس. چيائين، "ڀورڻ لوهانلاءِ ڊاڪٽر کي وٺي اچان."

## صحت سنڀال

ڊاڪٽر جو آيو جڏهن روم جي بلب ۾ روشني وڌي ويئي. سندس صحت صفائي ۽ لالائي ڏسي پنهنجي هندستان جا سنگمرمر جا پراچين پتلا ياد اچي ويا. ڊاڪٽر مسٽر پلي کي دوا سمجهائي رهيو هو.

مولڪان رهيو نه ٿيو، مون چيو، "بابا ڀڪ ٿي ڀڪ هتي ماڻهن جي ڳلن ۽ چپن ۾ ڪنهن سٺيءَ دواران سڄ جا لعل ڪرڻا پريا ٿا وڃن."

سڀ کلڻ لڳا. بابا پرتوپسنگهه چيو، اهو ٿي ته جادو آهي جو لڏهين ٿو ظاهر ٿئي جڏهين هڏ ڏوکي سرڪار ماڻهن جي صحت جي پوري سنڀال رکي ٿي.

مسٽر مظفر چيو، "اسان وٽ ته بيمار ٿيڻ جهڙو گناهه آهي. بيماريءَ ۾ دوائن جو خرچ ايڏو اچيو وڃي جو ڳٽتيءَ ۾ بيماري جهڙو بدران وڌيڪ وڃي."

انتري ۾ ڊاڪٽر واپس وڃڻ لاءِ ٺڪ ڪنئي ته بابا پرتوپسنگهه کيس کلهي تي هٿ رکي چيو، "اسانجي

هيءَ سنڌي ليکڪا لوھان کان پڇڻ ٿي چاهي تہ لوھن ڊاڪٽر سمبي روسين کي اهڙي ڪهڙي انجيڪشن ڏيندا آهيو جنهن سمبي جي ڳلن ۽ چپن مان صبح جي سج جا لعل ڪرڻا شعاع ڪيادا پيا نظر اچن."

سڄو ڪمرو ٽهڪڙن سان گونججي ويو. خوش مزاج ڊاڪٽر وري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ذرا گنڀير ٿي چيائين، "هتي چاهي، تہ اسين ٻارن کي ڄمندي هڪ سال جي اندر ٽي ڊپٿيريا، ماٿا، ٽٽنس، سلهہ ۽ وڏي کنگهہ کان بچاءَ جا ٽڪا هڻي ڇڏيندا آهيون. ٻي ڳالهہ تہ اسانجو وشواس آهي بيماري ڇٽائڻ کان وڌيڪ بيماري روڪڻ ۽ پرهيز وڏي ڳالهہ آهي. اِن لاءِ اسين سڀ سوويت ڊاڪٽر هروقت چاهيندا رهون ٿا تہ ماڻهو پاڻي، کاڌو ۽ هوا کهڙي نہ کائين. علاج اسانوٽ بلڪل مفت آهي، اها خبر تہ لوهانکي ضرور هوندي. ماڻهن جي صحت بہ وقت بوقت وٺي وڃي جاچيون، اها ڳالهہ شروع ڪئي اسانکي سال ٿي ويا آهن. اسين ڪوشش ڪري رهندا آهيون تہ ماڻهو پاڻ پنهنجي صحت جي ٻڌلي جاچ ڪرائڻ اچن. اسين خود اسڪولن، ڪارخانن، آفيسن، ڳوٺن، هنري وغيره هنڌن تي وڃي هر شخص جي صحت جي جاچ ڪندا آهيون. اعتبار ڪندا اسان وٽ ايترا ڊاڪٽر آهن جو دنيا ڀر ۾ ٽن ڊاڪٽرن پٺيان هڪ ڊاڪٽر اسانجو آهي. پوءِ بہ اسين وڌيڪ

اسپتالون کولي رهيا آهيون، وڏيءَ شاگردن کي ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلائون ڏيئي رهيا آهيون....“

مسٽر مظفر ڪنڌ لوڏي چيو، ”او هو هو، مطلب جيترا وڏا ڊاڪٽر اوترا وڏا مريض پيدا ٿيندا ٿا وڃن.“

”ائين ناهي“ جواب اسانجي گائيڊ ڏنو، ”هتي بيماريءَ کي چڙهڻ نه ڏبو آهي ڪنهن کي ٿوري تڪليف لڳندي ته يڪدم ڊاڪٽر گهرائيندا.“

”بلڪل بلڪل“ ڊاڪٽر چيو، ”هي بلڪل ٺيڪ ٿو چوي. ۽ اسين به ٿوريءَ هلڪيءَ بيماريءَ لاءِ به مريض جي رت وغيره جي سڀئي ٽيسٽ ڪندا آهيون. ان ڪانسواءِ نيون نيون کوجنائون ۽ نوان نوان علاج ڳوليندا آهيون الڪري دور دور هنڌن تي اسپتالون ۽ ڊاڪٽر آهن. ان ڪانسواءِ آرام لاءِ صحت ۽ آرام گهر به آهن.“

ڊاڪٽر جي صحت شايد اسان لاءِ به اثر ڪيو هو جو سندس روانگي کان پوءِ اسانکي اهڙي سخت بک اچي لڳي جو ٽڪيٽ ۾ مس ٽوليا گائيڊ سان گڏ هيٺ ڊائننگ هال ۾ پهچي وياسين. گائيڊ مسٽر ولوچا فون تي مسٽر پلي جي ڪافي ۽ ڊبل روٽي لاءِ چئي رهيو هو.

هيٺ خبر پيئي ته اڄ پهرين ماڙي تي ڊانو به آهي ته ڊانس به آهي. هال ۾ گهڙياسين، ته بس راڳ جا ڏهڪ

اچي لڳا جي ڪٺي ٻاهر نڪرون. ڪاڌي ڪانپوءِ ناچ شروع ٿي ويا.

هرڪو ناچ ٽي يا چار منٽ هو ۽ اڪثر ٻه ڄڻا گڏجي اهو ڪري رهيا هئا. پر هڪ هڪ جي پوشاڪ رنگ برنگ وڏيڪ ۽ وڏيڪ وڻندڙ هـو. ڪجهه ڪسرت وانگر وڏن ڇلن گولن مان نڪرڻ، هڪ هٿ تي ٻهڻ فقط چيلهه تي ڦرڻ، خبر ناهي ڪيتري هنن ڇوڪرين ڇوڪرن جي پرئڪٽس ڪيل هئي جو هر ڪن ڪرڻ جي خطري هوندي به ڪريا ڪين ٿي. هتي جي ماڻهن کي تاڙيون ڏيڻ جو هنر آهي. اهڙو ڦهڪو ڪيو وڃن جيـو ڪلاڪار وري اچي شڪرانا ڏيئي وڃن. ڏيـڍ ڪلاڪ ڪانپوءِ هيءُ پروگرام پورو ٿيو.

## پشڪن جو گهر

صبح جو سيپٽي گڏجي پشڪن (روسي ڪولـا ۽ ٻولـي جو ڦـسرمالا) جو ميوزيـم ڏسڻ وياسين. پشڪن جي شاعريءَ کي رشيا ۾ اهڙي عزت آهي جيتري اسان کي پنهنجي شاهن جي شاهه ڀٽائيءَ لاءِ آهـي. سندس شاعري چوٽيون ڇڪڻي، نصيحتون ڏيڻي، اڄ اســ رشيا جي گهر گهر ۾ انسانيت تي فخر سيکاريندي رهي ٿي.

باغن ۽ گلن جي وڻراهن وچان هلي، ڏاڪڻ چڙهي پشڪن جي گهر اندر گهڙياسين. پشڪن جي گهر کي ا انهن رکيو ويو آهي جئن ڪلڪتي ۾ ٽئگور جي

گهر کي. ڀٽڪن ۽ سندس زال جي هر ڪا شيءِ ڇهڻي
ڪانئي سميت انهن پوري جاءِ ٿي سنڀالي رکي ائين،
جڻ هاڻ وري ٻه ڪيڏي مهل ٿي اچي ساڳئي گهر ۾
داخل ٿيندا ۽ بلڪل رواجي طرح گهر ۾ داخل ٿيندا ۽
بلڪل رواجي طرح گهر ۾ ڪانڌ هلڻ، آرسيءَ اڳيان وهي
ڪانئا ڀڪل پائڻ، ڪتاب پڙهڻ وغيره سڀ انهن شروع
ٿي ويندو جنهن ۱۸۳۶ ۾ ڀٽڪن جي هتي اچي رهڻ سان
ٿيو هو. مگر دريءَ وٽ بيهي هميشه گهٽيءَ ڏانهن اشارو
ڪري گائيڊ چيو، "اجهو هتان هن گهٽيءَ مان ويو هو
ڀٽڪن، ڊالٽيس سان ڊيوئل (ڊوئيل) لڙڻ ۽ هن موڙ
ڪانهن پهچي ويو هو، جو سندس دوست پٺيان ڊوڙندو
ويس چوڻ ته ڀٽڪن هي ڇا ٿو ڪرين، ٿو ن سمجهين
ٿو ته هيءَ ڊيوئل فقط توکي مارڻ لاءِ رکي وئي آهي.
هن ۾ هڪ راڄنيتي سازش آهي."
مگر ڀٽڪن جي سڌمان کي ڪن نوڪر هنئين هئي
ته ٿيهنجي زال ڊالٽيس کي پيار ٿي ڪري ۽ وڙهڻ لاءِ
پڙڪالي چڙهيو هو. هو پنهنجي ڪين موٽيو. سندس زال
ٿڙندي رهي. ليمه ڊيوئل کان اهڙو قتهي موٽيو جـو
وري نه اٿيو. هيڏيءَ ڪلا جو سرجڻهار، جنهنجي مرمت
سرير کي ني ڏيهن نه زالون پسار ڀدال شاگرد، هاري
ناري غريب غربا قطارون ٻڌي نمسڪار ڪرڻ ٻئي آيا،
اهڙو قومي شاعر هڪ ڪڙڻ جي وڙهه جهڙي بيڪار

رسم ڪري ١٨٣٧ جي ٢٩ جنوريءَ تي هميشه لاءِ سمهي پيو. سندس گهر جو شاهي گهڙيال ٢ لڳي ٤٥ منٽن تي بيهجي ويو ۽ وري نه ڪڏهن الڪي هلايو آهي.

پشڪن جي لئبرريءَ ۾ سندس ڪتاب سندس پنهنجن پنهنجن شروع ڪيل اخبار جا پرچا، لکڻ واري ميز، مسڪڙي قلم (ڏاڏيءَ کان مليل سوغات) گهنٽي، هر ڪا چيز اڳهين اڳليءَ تي رکي آهي. اڳئين ۾ پشڪن جو چالي ٿائين لهيل پتلو ۽ اندر سڄي گهر جي ڀتين تي يادگار مورتون ڏاڍي سهڻي نموني سان رکيل هيون.

## پيار، شادي ۽ ڪٽنب

پشڪن ميوزيم مان ٻاهر آياسين ته گائيڊ کان پڇيم، "هاڻي به اها ڪوئي ڊيوئل لڙندو آهي؟"

"نه." گائيڊ چيو، "هاڻي جيڪر ڪوئي اهڙي ڳالهه سوچي به نه سگهي. زالون مرد سڀ هڪجهڙا آهن. زالون به ڪمائين ٿيون. جيڪڏهن ڪي به ٻه ڄڻا هڪ ٻئي سان نٿا نڀن ته طلاق ڏيئي سگهن ٿا. مرڻ مارڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. وڏي ڳالهه ته هيئر زال ڌاريءَ مرد سان ڳالهائي يا ناچ ڪري، ته مرد جو وشواس ڪونه ڏڌندو آهي هتي."

مون چيو، "لونيا! توهان وٽ شاديون مانٽ ڪرائين ڪين چوڪرا چوڪريون هڪ ٻئي کي ڳولي ڪڍن."

لونيا کلڻ لڳي. چيائين، "لون چاٿي سمجهن، هن

زماني ۾ ڇوڪرا ڇوڪريون مائٽن جا ڳوليل رشتا نڀاهي سگهندا؟“

مون چيو، ”مدار آهي ڇوڪرن ڇوڪرين جي من جي اوسر تي. ڪي نه ڪيڏيءَ عمر ۾ به ٻاراڻو سڀاءُ ٿا رکن.“

گائيڊ چيو، ”هتي تعليم سڀني کي ملي ٿي ـــ ان ڪري ڪين پنهنجي پسنديءَ جي اڪثر خبر هجي ٿي، پر ڪن حالتن ۾ پسندي غلط آهي نه طلاق لاءِ دروازو کليل آهي. مگر طلاق هڪدم ڪو نه ملندو آهي. ٻنهي ڌرين کي گهڻو ڪري سمجهائي ٻجهائي ٻاز آڻي ڇڏبو آهي. ٻيءَ حالت ۾ اسان وٽ ٻار وڏي پيار ڀري چيز آهن انڪري ٻارن جي صدقي به ڪيترا مائٽ هڪٻئي ۾ تيل تڪرار وساري ڇڏيندا آهن. اسان وٽ يورپ ۽ آمريڪا کان طلاق گهڻا گهٽ آهن.“

مون چيو، ”توهان وٽ ٻار جي پالنا نه سرڪار جي ذميواري آهي.“

توليا چيو، ”سرڪار جي ذميواري آهي سندن تعليم ۽ ڊاڪٽري علاج ڪائين. ٻيءَ طرح ٻارن ۾ ڪلچر ۽ ڪلا وڪاس لاءِ مائٽ ئي پنهنجي ذميواري سمجهندا آهن. ٻار بالغ ٿي شادي ڪري مائٽن کان جدا برابر رهن ٿا پر شاديءَ ۾ سڀ مهٽلون، سوکڙيون ناچ ٽاپ خوشيون بلڪل سڀ ڪجهه ٿيندو آهي. وري مائٽ بيمار هجن يا

بي ڪار تڪليف ھوندن ته ٻار سندن سار سنڀال پيا
لهندا آهن جو ڪين اهڙي سکيا ڏني هوندي ملينٿي.
مالڪ ۽ شادي ڪيل ٻارن کي ڪافي مدد ڪن ٿا.
کي ٿورا هوندا، جي بي جوابدار هوندا آهن ته ڪٽنبي
جيوت اسان وٽ سٺي آهي. اعتبار ڪندين، انگ اکر
آهن ته ٦ ڪروڙ ڪٽنب بلڪل خوش زندگي گذارين ٿا."

الهيءَ رات عجيب ڳالهه اها ٿي جو هوٽل جي ڊنر
هال ۾ مالي ڪاٺي رهيا هئاسين ته پر واريءَ ميز تي
هڪ وڏيءَ عمر جو جوڙو ۽ هڪ ڇوڪرو ڇوڪري
ويٺل ڏٺاسين. وڏيءَ عمر وارا ڇوڪريءَ جا ماءُ پيءُ ٿي
لڳا. شايد ٻنهي جي شاديءَ جي ڳالهه هئي. هنن
هڪ ٻئي تي هرڪ هاريو هو، ۽ شاديءَ لاءِ تيار
هئا. جنن تي گڏجي ڳالهيون ٻولهيون ۽ ٻئي ڪيون ۽
ڪاڏانون ۽ ٻئي پر جڏهن ناچ شروع ٿيو، تڏهن ماءُ
پيءُ هليا ويا. ڇوڪري ڇوڪريءَ جو ور ور ڪري
گڏجي ناچ ڪري اچي خوشيءَ خوشي شراب ٿا پيئي
ڪنهن ڊرنڪ جو آرڊر ڏيئي ۽ ليچ ۽ پيار سان هڪٻئي
کي ڪاراتا؛ انين ٻئي لڳو جڻ آڪاس ۾ چاندني ڦهليل
آهي ۽ هڪ گلاب جي ٿاريءَ ۾ ۽ مکڙيون نسري گل
ٿي رهيون آهن.

شاعر مظفر اعظم ۽ هن جوڙي کي ڏاڍي رهيو هو.
ٻابا پرٿوسنگهه ۽ ٻهڪي جوانيءَ جي وقت جون

ڪيترائون قرب جون ڳالهيون ويٺي ٻڌايون.

اسانجو گائيڊ ولوجا هنن ڳالهين ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺي رهيو هو، چيائين، "هتي اسان وٽ "پيار" لفظ اصل اساڻي ملڪ جي جوڙجڪ جي "شادي ۽ ڪٽنب" واري نظرئي ۾ اڪريل آهي. مطلب آهي ته شاديءَ جو بنياد پيار رهندو نه پئسو، ذات يا ڌرم."

لئين ناچ لاءِ بئنڊ شروع ٿي ته ولوجا اٿي ٻئي واريءَ ميز تان هڪ ڇوڪريءَ کي وٺي ناچ ڪرڻ هليو ويو. ڇوڪريءَ جي ساهيڙيءَ کي ڪو ساٿي ڪين مليو هو، سا ڌارڪ ٻي رهي هئي، ڪيس سڏي پنهنجي ميز تي وهاريم ۽ خبرچار پڇي مانس. چيائين: ميڊيڪل ڪاليج مان ٿورو من وندرائڻ لاءِ آيون آهيون.

مظفر پڇيو، "رات جو اڪيليون واپس وينديون."

"هائو. ڇو اڪيلو وڃڻ ۾ ڇا آهي؟"

دل ۾ چيم، "هنن ننڍين ڇوڪرين کي ڪهڙي خبر ته سندن ملڪ جهڙي سلامتي استري جاتيءَ لاءِ ڪٿي ڪانهي."

آخر ناچ پورو ٿيو ته سڄو هال خالي ٿي ويو.

## ليکڪن ۽ ڪوجنيڪن سان گڏجاڻي

هڪ ڏينهن ڀارت-روس دوستيءَ جي ڪم ڪندڙن جي ڪن هستين سان روح رهاڻ ٿي. انهن مان هڪ هو ڊاڪٽر بالن جو ليننگراڊ يونيورسٽيءَ ۾ ڀارتي ٻولين

جي ڪالي جو پرمک هو. هن خاص ڪري منشي پريمچند تي جام ڪوجناتمڪ ليک لکيا آهن. ٻيو هو ڊاڪٽر پي. اي. بئرانيڪوف جنهن جي پيءُ رامائڻ جو سڌو سنسڪرت ۽ هنديءَ مان روسيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. سندس پٽ به هنديءَ جو سٺو ماهر هو، جنهن ڳالهائڻ مان به پڌرو هو ۽ منشي پريمچند ۽ ٻين ڀارتي ليکڪن تي ڪوجنا ڪري رهيو آهي. يونيورسٽيءَ جي ڀارتي اتهاس جي ڪالي جي پرمک هئي مئڊم اِوا.

هن وقت منجهند جي روٽي به ڪاڌيسين. هن سان ڳالهين ۾ پتو پيو ته ليننگراڊ توڙي رشيا ۾ ڪيترن ئي هندستاني اڳوان جهڙوڪ لوڪمانيه تلڪ، مهاتما گانڌي، جواهرلعل نهرو وغيره سان گڏ ڀارتي ساهتڪارن جهڙوڪ ڪاليداس، تلسيداس، سورداس، ڪبير، ميرا، نانڪ، غالب، اقبال، ٽئگور، پريمچند، شرت چندر، ڪرشن چندر، يشپال، وغيره جو به اڀياس ڪيو ويو آهي ته انهن جون رچنائون به ڇپيون ويون آهن. ڪيترن روسين هنن تي پي ايڇ. ڊي. جي ڊگري به حاصل ڪئي آهي.

ان بعد ليننگراڊ جي ليکڪن جي يونين ۾ گهرايو ويو. هتي ڏانهن ويندي ائين ئي محسوس ٿيو جڻ اهي اديبن سان جيءَ جا ناتا ڪن ڏهاڪن کان اڳ ئي جڙيل هئا.

هتي ٻئي سان واقفيت بعد سوال جواب شروع ٿي ويا.

جن مان پتو پيو ته نه رڳو روسي ٻوليءَ جا پر ۱۰۰ کن سوويت ٻولين جا (جن ۾ ۸۰۰ کن ماڻهن واري ٻاڪوس ٻولي به آهي) اوان ليکڪ پيدا ٿي رهيا آهن. هو هڪ رنگو نه پر گهڻ رنگو ساهت پيا لکن جيڪو پيار، شادي، ڪٽنب ۽ نئين پراڻي نسل جي ڪشمڪش بابت آهي. البته سوشلسٽ سکيا جي ڪري اها ڪشمڪش انهن ملڪن وانگر دشمناڻي نه آهي. اسانجا اڪثر ليکڪ پنهنجين لکڻين مان ڪمائيءَ تي گذران ڪندا آهن. ڪين سٺو اجورو ۽ رائلٽي ملندي آهي. ڪاپيون به گهڻيون ڇپجن ۽ خلاص به جلد ٿين. ليکڪن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق لکڻ جي آزادي آهي. ڪين گهمڻ ڦرڻ، شخصي آزمودو وٺڻ، آرام ۽ وندر جون الاهي سهوليتون آهن.

## منهنجي ناول جي نائڪا جو مائٽ

هتي هڪ عجيب ڳالهه ٿي جو واقفيت ڏيندي اسان مان هر ڪنهن پنهنجي لکيل ساهت بابت ڪجهه چيو ٿي. مون پنهنجي ناول پرهه ڦٽي، ريت نرالي ناول جو نسخو ٻڌايو ته ڪيئن هڪ پيار ۾ نا اميد ٿيل ڇوڪري پاڻ کي مارڻ ٿي چاهي ۽ مرڻ ڪيترو ڏکيو ۽ بي ٻاڌو آهي، اهو ڏسي هوءَ جيوت جي لهر کي جاڳي ۽ محسوس ڪري ٿي ۽ هڪ سماجڪ ڪاريه ڪرتا سان لانئون لهي ٿي...

هڪ روسيءَ جنهن هيءَ سڄي ڳالهه ٻڌي، تنهن چيو، "منهنجي زندگيءَ ۾ خود اهڙو ئي واقعو پيش آيو هو. منهنجا به خيال هندستاني آهن. ننڍي هوندي کان هڪ ڇوڪريءَ سان پريم هو، پر وڏهندا ڏاڍا هئاسين. اچانڪ ڇوڪريءَ کي اهڙي نوڪري ملي جنهنڪري انڊيا هلي وئي. هوءَ اتي پنج سال رهي ۽ هڪ روسي ڇوڪري سان شادي ڪري ڇڏيائين. مان هتي پنهنجي خيالي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪرڻ لڳس تان جو سلهه جو مريض ٿي پيس. مگر اوچتو مونکي لڳو هنطرح مرڻ اجايو آهي. مرجي ته ڪجهه ڪري مرجي. بس پوءِ ته اسپتال ۾ رهي، وڃي نيڪ طرح دوا درمل ڪيم. زندگيءَ لاءِ قدر ٿيو ته صحت حاصل ڪري شادي بہ ڪري ورتم ۽ هينئر لوهان سيني جي شيوا پيو ڪريان ...."

ٻچاڙيءَ جا لفظ کلي اهڙي بيپرواهيءَ جي انداز سان چيائين جڻ هيڏي پيار جي ناڪامي، هيڏي بيماري، سڀ لک لکي چڪو آهي ته بس اهي ڪابہ اهميت نٿا رکن هن لاءِ ....

مون کلي چيو، "هاڻي ٻيلا زال سان ڪونه وڙهين."

کلي چيائين: هاڻي ڪيئن وڙهندس. هينئر جو دوکو کاڌم. هاڻي ڏاڍو سمجهو ٿي ويو آهيان. جوءِ ڪسي چوندو آهيان "جب سي ديکها هي تجهکو، مجهکو

شاعري آ گئي....“

هن روسي ڇوڪري جي زبان مان هندي راڳ جي ٽڪ ٻڌي هر ڪنهن جو ڌيان ڇڪجي ويو. وڌيڪ ڳالهه لاءِ چيو مانس تہ ٽانڪي اڌا سان جهڪي چيائين ”مين شاعر تو نهين هون......“

مون سمجهو هي شخص ضرور پيرس ۾ ڪڏهن آيو هوندو ۽ راڳ سکيو هوندو. مگر ٻڌايائين تہ اهو فقط تاشقند ۾ رهيو آهي. بدل هندي راڳن جو پرلاپ آهي

اتان موني پنهنجي هوٽل ۾ لفٽ ۾ چڙهي رهي هئس تہ هڪ آمريڪن عورت چيو، ”تون هندستان مان آئي آهين نہ؟ توکي ساڙهي پيل ڏسي مون سڃاتو. تو جهڙي هڪڙي منهنجي پياري ڏيءَ سنٽيلا ڪلوارڪر بامبي رهندي آهي ان کي سڃاڻين؟“

”نہ،“ مون چيو ”پر توهان وٽ سنڌس ائڊريس هجي تہ مان توهانجو نياپو کيس پهچايان .... پر وڏي ڳالهہ تہ توهين رشيا گهمڻ آيا آهيو تہ پيرس ڇو نہ هلو؟“

عورت چيو، ”مان هاڻي ٧٥ سالن جي ٻڍي آهيان ڪٿي تو ايڏو سفر پڄي.“

هڪ روسي پرش، اسانجي ڳالهہ ٻڌي رهيو هو چيائين، ”مان تہ نوي سالن جو آهيان پوءِ بہ پاڻکي پيرو ڪونہ ٿو سمجهان. تون پاڻکي ٧٥ سالن ۾ ڪيئن ٿي ٻڍي سمجهين؟“

زال کلي چيو، ”مونکي ڇوڙ ڪيپي منهنجي عمر آهي ٧٥ سالن جي جوان! آئين نہ.“

تهڪ ڏيندا سڀ لفٽ مان نڪري آياسين. ●

# ماسڪوءَ جي جادونگري

جڏهن ٻه رات جي وقت ڪنهن هوائي بندر تي لهڻو آهي، تڏهن اوچائيءَ تان هيٺ ان هوائي اڏي جي بتين جي جهرمر ڏسڻ ۾ وڃي اک ٻوٽي آهي.

نيويارڪ، لنڊن، ٽرينيڊاڊ، ڪراچي، تاشقند ۽ پنهنجي ٻمبئيءَ کي ڏسي چڪي آهيان. ڀلا ڪوئي آسمان تي ٻيهي تارن کي قطارن ۾ اک ٻوٽ راند ڪندو ڏسي ۽ اُمنگ ۾ نه اچي! اسانجو هوائي جهاز ماسڪو کي ويجهو اچي چڪو هو. خبر ناهي ڪهڙو هوندو هي ٻارو شهر جنهن کي تاشقند، سمرقند ۽ ليننگراڊ ۾ هر شخص جي واتان لاڏ سان چوندو ٻڌو هوم "ماسڪوا!"

هوائي جهاز زمين تي پهتو ته زمين تي ڦهليل ستارن جون قطارون اٿين ٽٽي ويئون جيئن استاد جي ڪلاس ۾ گهڙڻ سان ڳالهير ٻارن جا ميڙاڪا....

شاهي نين تي ايندل بتيون ڪنڌ هيٺ ڪيو اگر ڄڻ ڄيان باادب ڪڙيون هيون. سارو هوائي اڏو

برف جهڙي ٿڌي هوا ۾ جو ھنجڻ کي لڳي ويو هو ته ڪٿي ڪوهيڙي جا ڪڪر پئي ڏٺا....

سامان ڪٺي ٽئڪسيءَ ۾ اچي وياسين جا ٻئي پاسي وڻن جي قطارن ۽ ساوڪ وچمان اڌ ڪلاڪ کان به وڌيڪ وقت ڊوڙندي رهي، ليف اچي هوٽل وٽ بيٺي.

صبح جو جڏهن ماسڪو گهمڻ لاءِ ٻاهر نڪتاسين ته لڳو وشوڪرما اچي هٿ جوڙي اڳيان بيٺو آهي چي: ڪرشن پنهنجي غريب دوست سدامي لاءِ مون کان هڪڙو محل ٺهرايو هو پر هتي ته شهر جي هزارين سدامن لاءِ محلن جو سڄو شهر ٺهرائي ڇڏيو اٿن مولڪان!

مگر هي شهر هو ڪين جادونگري! ڪار، بس، موٽر، لاري، ٽرالي هارن نه پئي ڏني. ڪائين ڇهه، ڏهه سال ٿي ويا جو هتي هارن وڄائڻ تي بندش وڌي وئي آهي. ماڻهو اڪثر زير زمين رستي کان هلي روڊ ڪراس ڪندا آهن. هونءَ رفتار گهٽ رکڻ ۽ عالم ٻڙهيل هجڻ سان آواز ڪرڻ بنا ٿي حادثن کان بچاءُ ٿيو وڃي. شهر جي وچان ندي پئي وهي، پر ڪاريگري وارا سهڻا پل ٺهيل اٿس.

ٻهراڻ ٻهراڻ نووستي پريس ۾ پهتاسين اسين ٿي اسانجا ميزبان هئا. ميزبان مسٽر لرخوا وف ڇهه، ”جواهرلال نهرو العام، اسان ٻنهي ملڪن کي هڪ ٻئي سان وڌيڪ,

گهرا ناتا رکڻ ۽ هڪ ٻئي کي وڌيڪ ويجهڙائيءَ سان سمجهڻ جو وجهه ميسر ڪيو آهي."

اهڙوئي ٿورو پرو ذڪر ڪيو اسان طرفان بابا پرتو پسنگهه ۽ مسٽر آڪان. ان بعد واقفيت شروع ٿي وئي.

مسٽر ترخولوف منهنجي برزنيف جي يادگيرن جي ان ترجمو ڪيل ڪتابن جي چونڊ کي ڏاڍو ساراهيو. ڪيس به ملايا زمليا، ٿون جمر ۽ ڪنواري ڌرتي ڪتابن جون ڪيترين ئي ڳالهيون ياد هيون جي دهرائين. سون چيو، "هن ڪتابن ۾ ملڪ ٻيائڻ ۽ اڏڻ جي ڪهاڻي ۽ ڏينک مولڪيءَ ڏاڍو وڏيو الڪري ترجمو ڪيم چو ته اڄ جي زماني ۾ ملڪ کي ٺاهڻ ۽ اڏڻ ۾ ئي انسان پنهنجو جيون سڦلو ڪري سگهي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جو به ذڪر نڪتو. سون چيو، "عيسوي سن کان پنج هزار ورهيه اڳ واري موهن جي دڙي واري سڀيتا ۾ ڪتل آهن هن ٻوليءَ جون پاڙون! ٽيهه لک سنڌي ڀارت ۾ وسيل آهيون ۽ ڪروڙ کان مٿي سنڌي پاڪستان ۾ آهن. اگر "سوويت ديس" ۽ "سوويت ناري" جهڙيون مخزنون سنڌيءَ ۾ ڪيو ته جيڪر لکين سوشلسٽ سڀيتا ۽ سماج جي جهلڪ اسان جا دور دور هنڌن لي رهندڙ سنڌي ٻه سولائيءَ سان ڏسي سگهن."

مسٽر ترخولوف ڪجهه سوچيندو نظر آيو.

هن سان سوالن جوابن ۾ پتو پيو ته انقلاب بعد ۱۳۶ ملڪن جي ۷۵۵۰۰ ڪتابن جون ڪل ۲۱۸۰۴۶ ڪروڙ ڪاپيون ڇپيون آهن. رشيا ۾ ۸۰۰۰ اخبارن جون ۱۷ ڪروڙ ۽ ۳۶۷۰ مخزن جون ساليانو ۳۰۰ ڪروڙ ڪاپيون ڇپجن. هرڪنهن اخبار کي ساليانو پبلڪ مان گلا ۽ ساراهه پورا ٦ ڪروڙ خط اچن. هرهڪ ڪٽنب گهٽ ۾ گهٽ ۳ مخزن وٺي ۽ ۱۰۰ مان ۸۴ ڪٽنب ريڊيو ۽ ٽي. وي رکن. ڪل ۱۲۳ ٽي. وي ۽ ۱۶۲ ريڊيو اسٽيشنون ٦۹ ٻولين ۾ پروگرام ڏين. دل ۾ چيم هيڏن علم ۽ ڄاڻ جي شيدائن تي ڪير ڪٿي ڊڪٽيٽري هلائي سگهندو هوندو جتي سڀني لاءِ پرچار ڪيو ويندو آهي.

اتان ٽي آرٽ لماءِ ٽسخ وياسين جيڪو الدر خرد ۾ لکو پئي لڳو جو پورو ٽسخ لاءِ بس ڪم آڻي ٿيسي پئي.

## ريلوي اسٽيشن يا راجائي محل

لماءِ ٽان موٽندي گائيڊ ٻڌايو هو، اڄ توهان ڪسي ماسڪو جي بهترين چيز ٿي ڏيکاريان ۽ هيٺ سڪيليٽر تي لاهي هلي زير زمين اسٽيشن تي. اسٽيشن نه هئي پر عجائب گهر هو. سنگمرمر جا اهڙا سهڻا ٿلها چٽيل ٿنڀن تي چٽسالي ۽ چترڪاري ڇت مان اهڙا مرڪندڙ جهاز پئي لٽڪيا جو هڪ مست لاءِ لڳو راجائي محل جو هڪ ڪمرو آهي. صاف سنگمرمر جا فرش ۽ ٿنڀيون

انهن پيٽرن ڇمڪن جهڙا آرسيون آهن. نه ڪاڪيهه، نه گوڙ گبوڙ نه گند ڪچرو ۽ نه چوري چڪاري نه ٽڪيٽ چيڪر، نه ٽڪيٽ ڪليڪٽر. آٽوميٽڪ مشين ۾ ماڻهو ايمانداريءَ سان پنج ڪوپيڪ وجهي اندر گهڙي ١٠٧ اسٽيشن رستي شهر جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ پهچي سگهي ٿو. ٽرين به ٽورن ٽورن منٽن بعد پوري وقت تي پهچي اچي. دنيا ۾ سڀ کان سستي ۽ سهڻي مسافري آهي. سڄي رشيا جي ميٽرو اسٽيشن سان ڪو به ملڪ برميچي نه سگهندو.

## اگهه سالن کان ساڳيا

ٽرام، ٽرالي ۽ بس ۾ ٣، ٤، ٥ ڪوپيڪن ۾ ڪٿان به گهمي اچجي. پر ماهوار ٦ روبلن جي پاس ۾ ڪيترا ڀيرا به پيو گهمي ڦري. اهي ڀاڙا ٻين ملڪن وانگر وڌندا نٿا رهن. نه رڳو اهي اگهه پر اناج، ڀاڄين، ڪپڙي ۽ ٻين ضروري شين جا به اگهه سالن جا سال ساڳيا پيا آهن. الڪري ٻين ملڪن وانگر وڌندڙ مهانگائي ڪانهي. انهي گهر جي مسواڙ به ٥٠ سالن کان ساڳي هلي اچي. اها گئس بجلي سميت ماڻهوءَ جي ماهوار خرچ جو ٣، ٥ سيڪڙو مس آهي. هونئن ماڻهوءَ جي ڪمائي گذريل ١٥ سالن ۾ ٻيڻي ٿي وئي آهي. ان ڪمائي سان گڏ لوازما، مفت تعليم، مفت علاج، مفت آرام وندر ۽ موڪلون پڻ ملڻ ڪري ماڻهوءَ جي

سچي ڪهاڻي ڏ ڏيکاري ٿي رهندي. انڪري رشيا ۾
عام ڪاپي جي شين جو وڪرو وڌندو رهي ٿو، جنهن هڪ
شاهي ڊپارٽمينٽ اسٽور ”گم“ نالي سان معلوم ٿيو.
اهو جڳهه پنهنجي سر تي لنڊن شهر هو جنهن ۾ هڪئي
وقت هزارين ماڻهو ڪاهي شيءِ شڪل وٺي سگهن. ظاهر
هو ته ڏينهون ڏينهن ماڻهن جي رهڻي جو درجو بلند
ٿيندو ٿو وڃي.

شام جو بئلي (نرص تانڪا) ڏسڻ وياسين. وچ شهر
۾ مشهور ٿيٽر ۾ قدم رکيوسين ته اصل ٿر چڙهڻ جي جاءِ
ته لڳي. بئلي شروع ٿيڻ لاءِ پردو جا کليو اصل سچو پچو
شاهي باغ ڪٿي اسٽيج تي جمايو هئائون. محل جو ڪجهه
حصو جنهن ۾ شهزادي ويٺل هئي ۽ باغ جي اندر ٿلهو مٿان
پل، وهڻ جا پيچرا اسٽيج تي هئا.

۱۹۰۵ع ۽ ۱۹۱۷ع جي، زار خلاف انقلاب جي ڪهاڻي هئي،
جنهن محل ۾ بال روم ڊانس ۽ باغن ۾ شهزادن جا برهم.
پيار جا قصا ٿي هليا، تنهن بعد ڏکين هاريــن محل
ٻاهران ميڙ ڪري اچي سڏارا ڪيا. پر زار انهن کي
گولين ۽ بندوقن جا ڳن سولجرن کان ٺڪاءُ ڪرائي
ڪيترا هزار ماڻهو ماري وڌا. ليڪن شهيدن جي رت
جو فسر ڪٿي ماڻهو وري هڪ پيرو جاڳيا ۽ هٿيارن سوڌو
محل تي ڪاهي آيا ۽ زار کي ماري ٿيڻ راڄ شروع
ڪرڻ تي ڳوڻاڻا ناچ ڪرڻ لڳا.

ماسڪو ۾ بئلي نہ ڏسان ها نہ لکيم ها، محل جي مهاڙيءَ تي نہ نظر ئي ڪين وڌم.

ماسڪو ۾ اسان سرڪس بہ ڏٺي جنهن ۾ شينهن گهوڙن، هاٿين ڪتن سان ڪمال جا ڪرتب ڏاڍا وندرائيندڙ هئا. ان مان ڄاڻ پيئي تہ رشيا هر ڏس ۾ وک وڌائي آهي. وري جو آلمپڪ راندين بابت خبرون ٻڌايائون تہ لڳ تہ عجب ۾ وجهي ڇڏيو تہ ڪيئن نہ رشيا هاڻي راندين ۾ بہ سڀني کان گوءِ کڻي وئي آهي. اسانکي آلمپڪ بلا ڏنائون.

## ٽالسٽاءِ ميوزيم

ماسڪو ۾ ٽالسٽاءِ ميوزيم ۾ هنجون ڪافي لکڻيون ۽ سندس روزمره جي ڪم جو سامان رکيل هو. خاص ڌيان ڇڪائيندڙ هئي پشڪن جي ڌيءَ جي تصوير. ٽالسٽاءِ جي ناول انناڪارينينا جي هيروئن هيءَ ئي هئي.

ٽالسٽاءِ جو گهر بہ ڪافي سنڀال سان رکيل آهي. اهو ڏسڻ مهل پهرين پيرن ۾ ڪپڙي جا بوٽ ٻڌڻا پيا جڻ ڪنهن مندر ۾ ٿي گهڙياسين.

گائيڊ ايلينا پنهنجي ساريءَ سولهن جي ٻار کـي سڪيلڊ کان بہ وڌيڪ هلڪو محسوس ڪندي اسانکي ٽالسٽاءِ جي رهڻ جو ١٢ ڪمرن جو مڪان بہ ڏيکاريو. پنهنجي ڏاڙهون گل جهڙي مک سان انهين ڪتب جي شين، وهٽ جي هنڌ ۽ پسندن جو ذڪر ڪندي رهئي

جو وقت اڏامندو پئي ويو.

تالستاءِ جي لکڻ جي ڪمري ۾ سندس ڏٺي بعد سبب ڪرسيءَ جون ٽنگون ڪپاڻي رکڻ، ڪڏهن ٽڪيءَ پوڻ لي اوچي ڏکيي ميز اڳيان ٻهي لکڻ، ٻيڻائي ۾ جيتيون ڏاهڻ، پيران پنڌ ياسنايا پوليانا ڏي وڃڻ، هارين سان روزانو ڳالهيون ڪرڻ، سنگيت ۽ ناچ جا پروگرام رکڻ. خبر ناهي ڪيترين ڳالهين پڏاني وئي. اسانجي گل گلابي ٿيليا.

## ميران جو روپ

ماسڪو يونيورسٽيءَ جو مشرقي ٻولين جي ودياپٽ ۽ ان جي لئبرريءَ ڏسڻ جو موقعو مليو. هتي اٺن ملڪن جي ٻولين، ساهت ۽ ڪلچر جي کوجنا ٿيندي آهي.

اورينٽل سٽڊيز جي پرنسپال ڊاڪٽر سنازلوا همت جوڙي "لمسٽي" جي. سندس مک مان لمسٽي اکر ڏاڍو سهڻو لڳو. سندس همت هيمله ڪيترا روسي هندي ۽ ڪيترا پارلي شاگرد رشين سکي رهيا هئا. مسٽر مڪرجي بيڱالي سينڪارينڊ روسيءَ جو ماهر هو. ڊاڪٽر سنازلوا هن سال ڪوي سورداس تي روسي ٻوليءَ ۾ کوجنالمڪ ڪتاب ڇپايو هو. هاڻي ميران ٻائيءَ تي ڪجهه لکڻ واري هئي.

ڇانهه ڪيڪ ۽ ڪيوسين تي لئبرري ڏيکارڻ هلي. هن لئبرريءَ ۾ سڀني پارلي ٻولين (سنڌيءَ سميت)

ڪتاب هئا.

ڪيترا سال ٿيا جو هڪ رشين ڇوڪري ائگا رائيسا سنڌي سکڻ شروع ڪيو هو. هن اُتي سان سنڌيءَ ۾ ڪافي لکپڙهه ڪري مدد ورتي هئي ۽ سنڌيءَ لئي هڪڙو ڪتاب به لکيو هو، جنهن جي ڪاپي به موڪلي هئائين. مسز اندرا ڪٿي آڻي هئس. ان ڇوڪريءَ لاءِ پڇا ڪيم ته چيائون ته هن وقت ماسڪو کان ٻاهر گهمڻ ويئي آهي جو اهو وڪيشن جو وقت هو.

پارس ۽ رشيا جي لکڻين بابت ڳچ وقت ڳالهه ٻولهه پئي هلي. مئڊم سازنوا چيو ”اسان وٽ هن وقت اهو بحث هلي رهيو آهي ته ميران ٻائيءَ جهڙو زمانو پارس ۾ هڪ نئين جاڳرتا شروع ٿيڻ جو زمانو هو يا نه....“

مون چيو، ”ميران هڪ راڄ راڻي هئي جنهن زندگيءَ جي وهڪري سان هر قدم کي، عام جيوت رهڻ ٿي چاهي. ڪيتن ئي حال جي چوديواريءَ جا بندن قبول نه هئا...“

گلابي ڳلن ۽ برفاني چمڙيءَ واري مئڊم سازنوا به جلدي ئي اچي هٿ جوڙي اکيون ٻوٽي ڳائڻ لڳي، ”ميري تو گرڌر گوپال، دوسرا نه ڪوئي.“

ماڪيءَ پري ڪا مناس، هن ڪومل استريءَ جي انگ انگ مان جهڪي رهي هئي. ميران ٻائيءَ جو ملڪ مٿاهو هو. مظفر اعظم چيو، ”اڪبر کي ميران ٻائيءَ جو درشن

ڪرڻ لاءِ چڱور وڏو ٻيو هو، پر اسان ماسڪو ۾ ڏسي
ورلي آهي ميران."

## موهن جي دڙي جي ٻولي

اڄا ميران جو روپ ڏسي مدهوشي لٿي ته هتي
ڏ پروگريس پبلشرس وارن سان مڪاميلي جو مذر موقعو
مليو، جنهن اورينٽل اسٽيڊيز وارا ڀارت ۽ ٻين مشرقي
ملڪن بابت کوجنا ڪري روسي ٻوليءَ ۾ ڪتاب
ڇپائيندا آهن لئن هتي وري ڀارت جي سڀني ٻولين
(سواءِ ڪشميري ۽ سنڌيءَ جي) ۾ روسي ۽ سوويت ساهت
جو ترجمو ڪري ڇپيندا آهن.

ڀارت سميت مشرقي ملڪن جي ٣٥ ٻولين جا وڀاڳ
هئا. مليالم، هندي، اردو، بنگالي ۽ ٻين ڀارتي ٻولين
کان گهڻا ڪتاب ٿي لکتا جو انهن جو ڪاٻو بس گهڻو
هو. گهٽ ۾ گهٽ ٽن هزار ڪاپين جي وڪري جي
پڪ ڪئي ويندي آهي.

هتي ڪمرڪندڙ ڀارتي ٻولين وارن کي سڀني روسي
ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو ڏسي عجب ۽ خوشي ٿيم جنهن
اورينٽل اسٽڊيز ۽ پارليمينٽ ۾ روسين کي هندي، اردو
۽ بنگالي وغيره ۾ ڳالهائيندو ٿي ڏٺم. الي سورداس،
ميران، ٽئگور، پريم چند، نهرو، گانڌي جي ساهت جون سڪون ٿي
لٿيون ته هتي وري ليدن، پشڪن، ٽالسٽاءِ، گورڪي،
چيخوف، شولوخوف وغيره جون سڪون ٿي لٿيون.

”پروگريس پبلشرس“ جهڙي نئي اهم ڏليسين وڌاشي ٻولين جي لئبرري. ان ۾ ١٣٥ کن ٻولين جا ڪتاب، رکيل هئا، جن ۾ ڪجهه سنڌيءَ جا به هئا. انهي ١٣٥ ٻولين جي سکيا جون به سهوليتون ميسر هيون. ٽيپ رڪارڊن، اڀترولن ۽ ڊيسڪن تي لڳل وڳيانڪ اوزارن جو اهڙو بندوبست هو، جو ڪاٻه ٻولي بنا استاد جي، تون مهڻ ۾ ايپاس ڪري سان سمجهه ۾ اچي وڃي. هيڏا اپياس ۽ کوجنا جا مرڪز ڏسي آئين لڳو ته هن سماجوادي ديس ساري سنسار جي ملڪن ۽ قومن کي سمجهڻ ۽ ساڻن پانهپي ڀاو وڌائڻ لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو آهي!

اسان جي ديس سان لـ [illegible] رشيا شاهي دوستي ۽ ڀائيچاري ٺاهڪاري آهي جو هن ملڪن جي پيت ۾ اسانجي ملڪ، ماڻهن، ساهت، ڪلچر ۽ سپنا جو وڏيڪ اپياس ۽ کوجنا ڪئي ويئي آهي. انهي قدر جو هو ٿوهن جي ڏڙي جي ٻولي ۾ سلڪ ۾ سوپارا ٿيا آهن.

## لينن جي سماڌي

ماسڪو جي ”ڪرملن“ ڏانهن سفر لاءِ هلندي مون ۾ هڪ عجيب ڀاو اڀري آيو. بابا پرٿوي سنگهه کي چيم، ”اڄ سفر ٿي نه ليرف ڀائرا تي ٿا هلون.“

بابا پرٿوي سنگهه جي شخص ۽ ڪنل پيتل روشن منجهان موتي جا گسل ترتا جهڙي مرڪ لوڏار ٿي پيئي چيائين، ”هلو لينن کي ديس ۾.“

مون ڪنڊ ڏوٺيو. بابا ڳالهه سمجهي هئي ليمن جي مرڪ سرهو ڪي کهڙي مون طرمان سان رکيو ويو هو، ڪيئن هو هڪ شيشي جي ڪوٺيءَ ۾ سڌو ليٽيل بلڪل جيئرو جاڳندو ٿي محسوس ٿيو. اهي سڀ بدل ڳالهيون هيون، جيڪي اڄ ڏسڻيون هيون.

موسم ڏاڍي وڻندڙ هئي. نه سيءُ نه گرمي. هلڪي اساڙي جيءَ کي بهتي وٺي. ڪريملن جي ڳاڙهي قلعي ۾ ليمن جي سماڌي ڏسڻ لاءِ قطارن ۾ وڃي بيٺاسين. شاهي ميدان ۾ سڪولن جي ٻارن زالن مردن جون وڏيون قطارون هيون. پوليس جو بندوبست ٺيڪ هو. يورپ ۽ آمريڪي سيلاني به جام هئا. اسانجي قطار به وڏي ٿيندي هلي. موڪي ساڙهيءَ ۾ ڏسي ڪن يورپي سيلانين فوٽا ٺهي ڪڍيا. جنهن ڪوٺيءَ ۾ ليمن آرامي هو. ان کان ٿورو پرڀرو ساڄي پاسي چاليءَ ڪائين ٿهيل پٿرن جي قطار هئي، جن ۾ رشيا جا ڪيترا اڳوان ۽ جنگي جوڌا هئا، جن ملڪ کي هٽلر جي حملي کان بچايو هو.

منهنجي اکين اڳيان مهاتما گانڌي جو راجگهاٽ ڦري لڳو. دهليءَ جي ان گلن ۽ ساٿيءَ ڇپر واري شاهي ميدان جي وچ ۾ ستل آهي سابرمتيءَ جو سنت، جنهن ديس کي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو وٺي ڏنو. مگر نه تن سنت سماڌي ڏسڻ لاءِ روز شاهي قطارون لڳن

اڄها ڻدڙ، دلين ۾ نئين زندگي* جو روح ڦوڪيندو آهي. ليمن جانو رشيا ۾ هو، پر آهي ننڍي سنسار جو. اسين ٻرط عهدي روشني* ۾ ٻڌهڙي واقت ڳولهيندا ون ٿا.

سڄي ٻنيءَ لينن کي ڏسي سر جهڪي ٿي وڃي ٿو، جنهن نه رڳو رشيا لاءِ پر سڄي دنيا جي مظلوم جنتا لاءِ جادو ڪري ڇڏيو آهي. هن جادوگر لاءِ مهندي من ۾ پر هڪ ڪرنا نهي وئي جيڪا ڪتاب جي آڳيان ڏئي اٿم. اها نه رڳو مهندي ساٿين کي وڻي، پر هندي مجموعي ”بگ پرياس“ ۾ يارت جي ۵۰ ڪوڙن جي ۱۰۰ ڪوڙن سان شامل ڪئي وئي آهي.

هڪ ٻي به قطار هئي جا هون ڪنڊ ڏي هلندي پئي وئي. شاهي ڪنڊ ۾ آگ جا شعلا ٿي لهرانا. نئين شادي ڪيل جوڙا، ملڪ جي آزادي، امن ۽ شانتي لاءِ سهانا ٿيل سولجرن جي يادن ۾ جلايل هن اکنڊ جوت کي، پرنام ڪري رهيا هئا. آگ جي چوڪندي جهڙي چٽني طرف الاهي گلن جا هار رکيا هئا. شهيدن کي پلا ديسي پرديسي ڪيئن نه سلام ڪن! اهي شهيد جن جي آهولي ساري دنيا لاءِ هڪ سهڻي سپني جي ساڪار ٿيڻ کي ٽرط نه ڏنو. اهي شهيد جن امرت مٿن مهل زهر جو پيالو اوش جان ڪيو.

هاڻي ڪاهه هئي ڪريملن پئلس ڏي. محل جون

---

* READ JAWAHRLAL'S TRIBUTE TO COM. V. I. LENIN

چترڪاريءَ وارين ڪولين.... زار جي شهنشاهي زماني جون ڪيترائون مٿين پٿرن ۽ تصويرن جي صورت ۾ رکيل يادون، ۽ پٽين تي لکيل تاريخ جا قصا هئا. جن بادشاهن ماڻهن کي وساري سندن گهرجن جو ڪو به ويچار نه رکي پاڻتي ڍن ٻڌي لٽيو، سي سڀ اڄ زمين دوز هئا.

ٻاهر هڪ وڏو شاهي گهنڊ رکيل هو جنهن کي ڇوڙڻ لاءِ ٻه سو ماڻهن جي طاقت کپي. زار بادشاهن گهنڊ کي ديش ڀڳتن کي ڦاسي ڏيڻ لاءِ ڪتب آندو هو. پر گهنڊ اصل ۾ وقت جي اشاري آهي، ڪال جي نشاني. پر طاقت جي گهمنڊ ۾ اچي جن بادشاهن پاڻ وٽ هيرا جواهر ۽ باغين جو واسطو بند رکڻ لاءِ گوليون ۽ هٿيار ڪٺا ڪيا، مگر جن ٻوڙهيو ڪنڌن کي ماليءَ ڳچي ڪان سگهيو، تن لاءِ جڏهن گهنڊ وڳو لڏهن ڪالهن ڪا خبر به نه لڳي.

ان سان گڏ اسان جي ٻه هن تيرهه ٻالڪا جي ٻوري تيڻ جو گهنڊ لڳو، جنهن ۾ هڪ لڪين سيتا جو ڊراپ درشن مليو هو.

# آخرين لفظ

مان ڪجهه سال اڳي آمريڪا ۽ انگلنڊ ويو هئس. هاڻي رشيا وڃڻ جو وجهه مليو. هو سڄو سماجوادي ديس آهي. پر آمريڪا ۽ انگلنڊ سرمائيداري ملڪ آهن. انهن وٽ به رشيا وانگر وڏا سٺا رستا ۽ باغ، وڏا مارڪيٽ ۽ هال، سهڻيون جايون ۽ سئنيمائون، وڏيون اسپتالون هوٽلون، وڪيان ۽ ولدر جا مرڪز وغيره آهن. ليڪن هڪ بنيادي تفاوت ٻنهي سرشتن وارن ملڪن ۾ آهي جيڪو ٥٠ سال اڳي **گرديو ٽئگور** کي به صاف ڏسڻ ۾ آيو هو.

مون ڏٺو ته سرمائيداري ملڪن ۾ سڀڪجهه پئسو آهي. رشتا ناتا، ويچار وهنوار، مان مريادا، سڀڪجهه پئسي تي مدار ٿو رکي. ماڻهن جو مکيه آدرش به آهي رڳو پئسو ۽ پئسو ڪمائڻ. ان لاءِ ڪلهي ڪس ڇا اصل ملهه لڳي پيئي آهي. جهڙي آلي بدهجو شخصي سوارٿ سڌ ڪرڻ لاءِ ٻيو انسان پل ته ٻيڙيءَ ڏکيو ٻکيو

ٿي مري ۽ سماج ۾ اوڏانهن جي لڙي ۾ وڃي، انهن جو خيال نه ڪيو آهي. هر ڪو رڳو روزگار، مڪان، علم، علاج جي چنتا ۾ ڦاٿل آهي. هو رنگ، ذات پات نسل وغيره جي ڀيد ڀاوَ جو شڪار آهن.

روس ۾ ائين ناهي. اتي هر ڪنهن ماڻهوءَ کي علم، علاج نه مفت آهي، پر روزگار ۽ مڪان جي به جوڙجڪ مطابق ڳڻتي ملل آهي. اڪري هنجو آئينده سلامت آهي. ڪابه بي سلامتي چنتا، ڏپ ڊاءُ ڪونهي. سوشلسٽ سرشتي ۾ اصل جائي جم کان ٻارن کي اها سکيا ڏني ٿي ملي ته رڳو پنهنجو ڪمائڻ ۽ پاڻ جيئڻ لاءِ ڪم نه ڪرڻو آهي، پر پنهنجي سک سان گڏ ٻين جي سک ۽ سماج ۽ ديس لاءِ به سوچڻو آهي. اتڪري اتي ازبيڪ، ڪزڪ تاتار وغيره جنگي ٻين ملڪن ڌاڪو ٿي سمجهو سڀ اڄ نوان انسان بڻجي پيا آهن. اتي ١٣٠ قومن جا ماڻهو مٺ محبت ۾ پيا هلن استري پرش ۾ سڀجي برابري آهي ڪي بہ ڌرم، ذات پات، رنگ، جنس جا ڀيد ڀاو ڪونهن. سڀني ڌرمن ۾ چيل آهي نه سڀ انسان هڪ ايشور جي اولاد آهيون، پر ان جو صحيح روپ رڳو سوڪي روس ۾ نئين نسل ۾ آيو. اتي ماڻهو سرڪار کي پنهنجو ٿا سمجهن ۽ جي ڪو به چونڊيل عيوضي سٺدن پرواهه نه ڪري نه ته ڪيس وچ عرصي ۾ ئي واپس

(RECALL) ڪرائي سگهن ٿا. سڄو ملڪ سماج جي گڏيل ملڪيت آهي.

اڄ سوويت يونين ۾ ماءُ پيءُ ۽ ٻارن جا رشتا ناتا پيار ۽ عزت تي ٻڌل آهن. اڪري ڪٽنبي جيون گهرٿلهائي تمام سڌارن واريءَ مضبوط بڻيل آهي. هتي ماڻهو ڪيلا ۽ ڪاپڙ جا لڳ جهڙي ڪونهيا آهن. وقت بوقت ڪم جا ڪلاڪ گهٽجندا ٿا وڃن ۽ پگهارون وڌنديون وڃن ٿيون اڳهه ساڳيا ئي ساڳيا رهن. ولدر ۽ آرام جا سک ۽ سهوليتون به وڌنديون ٿا رهن.

هن چوٽيءَ ترقيءَ لاءِ ئي روسيا امن جي ڪانکي آهي. ان جيڪا جنگ جي تباهي سٺي سا الهاس ۾ ڪنهن ملڪ نه سٺي آهي. ان ڪري هن وقت اڄ ئي، لٽي، اڄهوي عالم سان گڏ امن ۽ اهڙوئي ضروري سمجهيو وڃي ٿو، جئن تازو چونڊن وقت روس جي پريزيڊنٽ مسٽر برزنيف به چيو ته ماڻهن جي امن پسند زندگي، سندن رهائش ڪم سندن پلانني ۽ سيٽڪ وڪاس اهي آهن اڌيش جنلاءِ اسين ڪميونسٽ زنده رهون ٿا ۽ لڙون ٿا*

هي سماجوادي روسيا سڄي پنج اون اسالن جو، هڪ لکين سيپنا جو ملڪ آهي، جيڪو ڏکڻ کان اڳ مهڄي

---

* READ L. I. BREZHNEV'S ELECTION SPEECH 22-2-80

ڪن ساهيڙن ان خلاف ڪيترائون ئي گمراهه ڪندڙ ڳالهيون ڪيون، جيئن ٥٠ سال اڳ گرڊ ٽئگور کي روس ۾ الرا ڪان روڪڻ لاءِ ڪن گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر جيئن هو گمراهه نه ٿيو تيئن مان به نه ٿيس لئن ڪو به سچو شخص گمراهه نه ٿيندو.

---

ڇپائيندڙ:- سنڌي ادبي سنگت جيڪب آباد.

پهريون ڇاپو:- هند ۾، نئين دنيا پبلشرز- ١٩٨٠ع

ٻيو ڇاپو:- ڪراچي.

تعداد:- هڪ هزار